





بھارون سوڳواريءَ ۾

# بھارون سوڳواريءَ ۾

(شاعري)

## اياز رضوي

ڇپائيندڙ:
اُتساهه پبليڪيشن مٺي، ٿرپارڪر
2016ع

ڊجيٽل ايڊيشن :
سنڌ سلامت ڪتاب گھر

www.sindhsalamat.com

# اَرپنا...

**پنهنجي جيجل امان**

**جوين رُت ۾ رشتن جي بي حسي**

**جو شڪار ٿي ويل منهنجي ننڍي ڀاءُ**

**اشتياق علي شاه مرحوم**

**ڏاڏيءَ مرحوم شهر بانو ولهاري**

**هن وقت زندگيءَ ۾ موت جي سرحد**

**تي بيٺل شاعر دوست حنيف عاطر**

**۽ پنهنجي پورهيت صوفي دوست**

**سرڳواسي پوپيي ڪولهيءَ**

**جي نالي.**



بهارون سوڳواريءَ ۾

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر **(266)** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **”بهارون سوڳواريءَ ۾“** خوبصورت شاعر **اياز رضويءَ** جي شاعريءَ جو ٻيو مجموعو آهي.

ايوب ڪوسو لکي ٿو ”ڳالهه رڳو شاعريءَ جي هجي ته اهو هڪ جملو ئي لکڻ ڪافي سمجهان ته، اياز رضوي شاندار شاعر آهي، پر ڳالهه اجان ڪجهه اڳتي جي آهي. ڇو جو هُن جو ڪردار به خود شاعري آهي. آئون ائين به چوندس ته اياز رضوي پنهنجي شاعريءَ کان به ڪيئي درجا مٿي بيحد معتبر ۽ محبوب نظرياتي انسان آهي. هُو رجعت پرستيءَ جو ضد آهي. هُن طبقاتي ۽ مذهبي فرق جي ليڪن تي اچو ڇُن ڦيرائي دل جي ديوار صاف ڪري ڇڏي آهي.“

هي ڪتاب **سامروٽي پبليڪشن ٿرپارڪر** پاران 2016ع ۾ اُتساهه پبليڪيشن مٺي وٽان ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پياري پرڪاش ڪرماٽيءَ جا جنهن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي، قرب اياز رضوي صاحب جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ شيئر ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| 1. | ۾ لفظ اتساھ جا | دليپ دوشي لوهاڻو |
| 2. | محبوب شاعر، دلربا ڪردار | ايوب ڪوسو |
| 3. | مهڪيا چُوڙا ماڪ ۾ | تاج جويو |
| 4. | هوا، خوشبو، اُجالن جو شاعر (مهاڳ) | يارو مل امراڻي |
| 5. | شاعريءَ جي پيار جي پاڇي ۾ (شاعر پاران) | اياز اضوي |
| ❖ | غزل | 37 |
| ❖ | وايون | 145 |
| ❖ | بيت | 156 |
| ❖ | نظم | 159 |




بهارون سوڳواريءَ ۾

# ۾ لفظ اُتساھ جا.....!!

هلڪي سانوري رنگ جو فقير منش ماڻهو هر ڪنهن سان ملندو تہ اهڙي نماڻي ۽ نِوڙت سان، حالانڪ ذات پرستي تي اچي تہ پاڻ سيد سڳورو پر مجال جو منجهس ڪا هٺ يا وڏائي هجي. نالو تہ پهرين ٻُڌل هو، سندس شاعري بہ نظر مان گذرندي رهندي پئي آئي آهي، پر هينئر سنڌي ادبي سنگت جي پروگرامن ۾ مسلسل ملاقاتن ۾ واقعي ئي محسوس ٿيو تہ ايڏي نمرتا سندس شخصيت ۾ شمار آهي. ادبي سنگت جي ڪيترن ئي پروگرامن ۾ هڪ ئي سڏ تي شامل ٿيڻ توڙي هٿ ٻڌي ملڻ ڏاڍو متاثر ڪيو.

ڪيڏو وڏو شاعر آهي يا سندس شاعري ڪيتري پُختي آهي، اهو ڪم آهي ادب جي پارکو نقادن جو. جيڪي ويهي پلين سندن شاعري جي چير ڦاڙ ڪن، اسين آهيون بس محبت جي سراهي مان ڍڪ پرڻ وارا، سو اسان کي سندس شاعري جي هڪ هڪ سٽ محبوبہ جي نڪ جي ڦلڙي وانگي دلفريب ٿي لڳي. سندس انداز بيان توڙي شاعري جو سٽاءُ ٿر جي ناري جي گهاگهري جي گج جهڙو ٿو لڳي. جيئن هنن شعرن ۾ محسوس ٿو ٿئي:

تهڪ رضوي ٿا آرسون موڙن،
ساز ڪيڏا ڇڙي رهيا آهن.



www.sindhsalamat.com

پنهنجو تعلق ڪيئن توکي سمجهايان،
گُل بدن تي تون ماڪ سمجهي ڇڏ

سنڌءِ هڪ مُرڪ تي ڏاهي،
غمن جا ڍير هر پيري.

هيءَ تہ سنڌس غزلن جا چند شعر آهن، غزل کان علاوه اياز رضوي شاعري جي ٻين صنفن ۾ پڻ بهترين طبع آزمائي ڪئي آهي، جنهن ۾ وائي، گيت، نظم، بيت شامل آهن، جيڪي پڻ اهل دل ماڻهو کي پاڻ ڏانهن ڇڪ محسوس ڪرائين ٿا.

منهنجي اها خواهش رهي آهي تہ ٿر جي تخليقارن، شاعرن، اديبن، ڪلاڪارن کي سنڌس پورهئي جي مڃتا ملڻ کپي، اسان ڪين ٻيو ڪجھ بہ نٿا ڏيئي سگهون پر گهٽ ۾ گهٽ سنڌس قلمي پورهئي کي ڇپرائي، سنڌ جي وڏن پبلشرن ۽ ادبي ادارن تائين اهو پيغام تہ پهچائي ٿا سگهون تہ ٿر جو قملڪار، شاعر، اديب بي ڏٽيو ناهي جنهن کي لڪير جا فقير ادارا هميشہ نظر انداز ڪندا رهيا آهن. بس انهي ڏِس ۾ قدم کڻندي، اُتساھ پبليڪيشن هميشہ ڪوشش ڪئي تہ ٿر جي املھ هيرن جي ڪم کي مڃتا ڏجي.

انهي سلسلي جي ڪڙي کي اڳتي وڌائيندي، اسان سنڌ جي خوبصورت شاعر "اياز رضوي" جو هيءَ شعري مجموعو 'بهارون سوڳواريءَ ۾' توهان تائين پهچائي رهيا آهيون، اميد تہ توهان کي پسند ايندو.

**— دليپ دوشي لوهاڻو**
**اُتساھ پبليڪيشن، مٺي ٿرپارڪر—**
03332511104



بهارون سوڳواريءَ ۾

# محبوب شاعر، دلربا ڪردار

ڳالهہ رڳو شاعريءَ جي هجي تہ اهو هڪ جملو ئي لکڻ ڪافي سمجهان تہ اياز رضوي شاندار شاعر آهي، پر ڳالهہ اجان ڪجھ اڳتي جي آهي. ڇو جو هُن جو ڪردار بہ خود شاعري آهي. آئون ائين بہ چوندس تہ اياز رضوي پنهنجي شاعريءَ کان بہ ڪيئي درجا مٿي بيحد معتبر ۽ محبوب نظرياتي انسان آهي. هُو رجعت پرستيءَ جو ضد آهي. هُن طبقاتي ۽ مذهبي فرق جي ليڪن تي اڇو چُن ڦيرائي دل جي ديوار صاف ڪري ڇڏي آهي. حيران ڪندڙ بيباڪي هن کي شاعر هجڻ ئي ڏني آهي. ان بيباڪيءَ جو مفهوم فقط سنڌ وطن جي مالڪيءَ ڪرڻ جو نظريو آهي. مالڪي اها آهي جو رجعت پسندي ۽ طالبان ازم کي دل سان تہ هر باشعور ماڻهو ڌڪاري ٿو پر ڪليل اظهار کان پاسو ڪري ٿو. پر هي يگانو شاعر ٿر جي چيڪ پوسٽ تي بيٺل اهلڪارن کي بہ اهو سڌو ٿو ٻڌائي تہ "بابا اسان شاعر ماڻهو آهيون، اسان وٽ نہ بارود آهي، نہ هٿيار آهن، روڪڻو اٿئو تہ رجعت پرست طالبان ٿر ۾ داخل ٿين پيا انهن کي روڪي پنهنجي ماحول ۽ نسل کي بچايو!" اياز رضوي سنڌ لاءِ هڪ نئون رول ماڊل آهي، جنهن جي ڪشش تي نوان پروانا ڳاٽ کڻي مِڙي رهيا آهن.

شاعريءَ ۾ هُو پلي ڪٽي پيو دلفريب احساسن جا تاڪيا پڪيڙي، وڇوڙن ۽ وصالن جي ڪيفيتن جي مصوري ڪري، ذلفن ۽ ڪارن تِرن تي مورن جا ٿهوڪا ۽ رقص نچاور ڪري، اها نئين ڳالهہ ناهي! اهو تہ هر

شاعر جو شاعراڻو ورثو ۽ جهان آهي، صدين جي روايت آهي. اها شاعراڻي ڪاڪ تہ ڪڏهن ڪِري ئي ناهي، پر نئين ڳالهہ اها آهي جو اياز رضوي ان ڪاڪ ۾ رهي بہ تصوراتي ۽ نظرياتيءَ طور هڪ نئين ذهن جي صورتگيري پيو مُرتب ڪرڻ چاهي، اُهو عظيم تصور تعصب کان آجي انسان جو روشن خيال حَسين تصور آهي. اهو انسان جنهن کي سياسي، طبقاتي، سماجي، ۽ معروضي حالتن گروي يا رتو رت ڪري ڇڏيو آهي، اهو انسان سيڪيولر سنڌ ۾ باهہ جي وچ ۾ گل ڪنيو بيٺو آهي. اياز اُن لُٽيل ۽ گهُٽيل انسان کي شاعريءَ جي اکين ۾ ويهاري رهيو آهي. هو وطن جي وارث کي ڇانءُ ۾ ويهارڻ جو آرزو مند آهي. هو هِن ليڙون ليڙون ٿيل دؤر جو زندهہ صوفي آهي. هُن جي ڪابہ واٽ مُنجهيل ناهي. صوفي ازم کي هن قومي ازم سان سلهاڙيو آهي. ان واٽ تي هُن جي شاعري هٿ ۾ عشقيا جام جهلي پارڪر جي علائقي ڇٽيندا ۾ ويچي رام کي ريجهائي ٿي! نئين رت هاڻي تاريخ جي تندور کي تپائي سنڌ جي وارث کان طنبوري جي تار کسڻ جي جيڪا ڪُڌي سازش ٿي آهي، اُن جو شڪار ٿيل ڌوٿيئڙن کي لڪن ۾ لهسندي، اکن سان ڳڌ تپندي ڏسي اياز پنهنجو نئون عشق مُرتب ڪيو آهي اُن عشق جي ورقن ۾ مٺو علائقي جو مسڪين معصوم انسان رامجي ڪولهي مُرڪي ٿو. ماستر موليو ڪنوڻ جهڙي کِل سان ڪجڪي ٿو ڇو جو اياز رضوي هندو گلاس، مسلم گلاس ۽ ٿالهيءَ جي ڏار هئڻ واري عمل ۽ سوچ کي رڻ جي ڪنهن سانيڪي کوهہ ۾ ڦتو ڪري ڇڏيو آهي. هاڻ سڀ گلاس سنڌي آهن، سڀ ٿالهيون صوفي آهن. پارڪر جا پريتم ڪولهي ۽ ٿر جا معصوم مينگهواڙ توڙي منيءَ جا محبتي لوهاڻا سڀ هن عشق هڪ مالا ۾ پوئي ڇڏيا آهن. هر صورت محبوب جي صورت آهي. هر مُرڪ سنڌ جي مُرڪ آهي. هن نئين جاڳ لاءِ پاڻ کي روليو آهي، هڪ فرد جي حيثيت مان نڪري هن پاڻ کي هڪ تحريڪ ۾ تبديل ڪيو آهي. نئين ڪوٽ جي سڏين ٻنين ۾ رهندي هُن ۾ ڪي اٽپورايون هيون، پر 2011ع جي





مهاٻوڏ ۾ دربدر ٿي مون وانگي هو ٿر جي واريءَ تي پناهہ گير ٿيو هو تہ منيءَ شهر ۾ رهي هُن ٿر جي تهذيبن مان نوان اتساهہ ماڻي پاڻ کي مڪمل ڪري ورتو هو. اها تبديلي وڏي تبديلي ڇئي سگهجي ٿي. هاڻ هُن جو نئون ڪردار سچ تہ سون جهڙو آهي. اياز رڳو غزل جي حسناڪين جو شاعر ناهي، پر هُو راسوڙن، همرچن، موريي، ۽ ڪوڏاڻن توڙي ٻين ڳيچن جي حُسن جو شاگرد بہ آهي. هُو نئين عشق جو تشريح نگار آهي. هن جا پير وچولي ۾ ڪچن ٿا، پر هن جا ساهہ پوڏيسر ۾ پيئونر ٻڌجي رلن ٿا.

هن جي سڄي سنگت پاڻ کي فقير سڏائي ٿي، انهن فقيرن ۾ پارو مل امراڻي بہ آهي، تہ ساگر خاصخيلي بہ آهي، ايوب کوسو بہ آهي تہ تاج جويو بہ آهي، رجب فقير بہ آهي تہ شنڪر ساگر بہ آهي، گل گوماڻي بہ آهي تہ دليپ دوشي بہ آهي، تہ پرڪاش ڪرماڻي بہ آهي. انهن جديد صوفي فقيرن جي ڪڙين کي ملائڻ وارو اياز رضوي ئي آهي، جنهن پنهنجو وجود قرب ۽ محبتن لاءِ وقف ڪيو آهي. ڪالهہ هُن پنهنجي پهرئين شعري ڪتاب: ”اُکهي ڪير ڳوڙها“ جي شاعريءَ ۾ هڪ پنگياڻيءَ جي ڳوڙهن جي مالڪي ڪئي هئي، هاڻ پنهنجي هن نئين ڪويتا ڪتاب ”بهارون سوڳواريءَ ۾“ ۾ سنڌ جي بهادر ڪولهين جي پگهر کي دل جا پاڪر پريا آهن، اُتي ئي هن وطن جي خزائن جا ڪُٽڪا ۽ بهارن جا سُڏڪا بہ بيان ڪيا آهن. هي سڄي هن دؤر جي ماتمن جي شاعري آهي.

اياز رضوي کي آئون سرٽيفڪيٽن کان مٿيرو انسان ۽ سگهارو شاعر سمجهان ٿو. ان سان گڏوگڏ اهو بہ قطعي طئي نٿو ڪريان تہ هُو ڪهڙي درجي جو شاعر آهي. ننڍو يا وڏو شاعر آهي؟ اهڙي ليبل جي هُن کي ڪابہ ضرورت ناهي، ڇو جو هُن ڪو ليبل ماڻڻ لاءِ شاعري ناهي ڪئي. ڪنهن بہ انسان لاءِ اهو وڏو اعزاز هوندو آهي تہ هُو دنيا جي ڪنهن قوم ڪنهن ٻوليءَ جو شاعر آهي. شاعر هجڻ ئي خود وڏو اعزاز آهي. اياز

رضوي لاءِ اهو اعزاز ئي ڪافي آهي تہ هُو دنيا جي قديم ٻولي سنڌي ٻوليءَ جو خوبصورت شاعر آهي هُن هڪ منفرد ۽ نرالي شاعري طور بهترين مڃتا ماڻي آهي. وڏي ڳالھہ تہ هُن جي شاعراڻي اُڄ اڃا برقرار آهي، اهو زبردست ڪمٽمنٽ آهي. اياز رضوي جي شاعري پنهنجي وطن سان سلهاڙيل آهي، هي شاعري پنهنجو پختو ۽ نظرياتي رويو چٽائيءَ سان پڌرو ڪري ٿي، هن شاعريءَ ۾ ڪو بہ ابهام ناهي، بيانيا انداز جيترو لاجواب آهي، اوترو ئي هُن جي پيش ڪيل موضوعيت مهتاب آهي. هن جي احساسن ۾ جيڪي چانوَرا آهن اهي ڏاڍا بانوَرا آهن.

ڪيفيتن کي شاعريءَ ۾ تبديل ڪرڻ جو آرٽ اياز خوب ڄاڻي ٿو. غزل جي مزاج کي هن ڪنهن بہ ريت اوپرو ناهي بڻايو. ڇو جو هُن رواجي لفاظيءَ کان حد درجي جو پرهيز ڪيو آهي، هن تخليقي وجد تي انحصار ڪيو آهي.

وائيءَ جي ورلاپ کي هُن سسئيءَ جي اگهاڙن رتورت پيرن جيان نروار ڪري ڪلاسيڪيت ۾ تڙ ڪرايو آهي، جنهن ڪري هُن جي شاعري وڏي ڪشش ماڻي ورتي آهي. اياز رضوي پنهنجي شاعريءَ کي وسعتي شاعراڻن موضوعن سان رڱي ثابت ڪيو آهي تہ هو هن دؤر جو بهترين اثر ڇڏيندڙ پختو ۽ سگهارو شاعر آهي، هُن جي شاعري دل مان نڪتل شاعريءَ جو روپ آهي.

**ايوب کوسو**
**مئي 2016ع**







# مهڪيا چُوڙا ماڪَ ۾

اڄ جڏهن 'نئين شاعري'، هڪ طرف 'تعريف ۽ تحسين' جي اڏيءَ تي زخمي ٿي رهي آهي، ۽ ٻئي طرف کي نوان، سڌڙيا شاعر، پختگيءَ واري منزل تي رسڻ کان اڳ ئي، ڪجھ مال متاع وڪڻي، ڏوڪڙ ڪيسي ۾ وجهي، پبلشرن جي ڳولا ۾ نڪري پون ٿا ۽ سهڻن ٽائٽلن وارا شعري مجموعا ڇپائي، يارن دوستن ۾ ورهائيندا يا ڪپائيندا رهن ٿا. اهي 'مال ۽ رومال' (مواد ۽ معيار) جي خيال کان ايترو اثر نہ ٿا ڇڏين، ڇو تہ نہ انهن جي ڪا درست پروفنگ ٿيل هوندي آهي ۽ نہ ئي ڪا بهتر ايڊيٽنگ. نتيجي طور ڪتابن جي اپياس جا شائق ۽ شوقين جڏهن اهڙا ڪتاب خريد ڪري وڃي پڙهن ٿا تہ کين مايوسي پلئہ پوي ٿي- ۽ پوءِ بهتر شاعريءَ جا ڪتاب بہ نظر انداز ٿيو وڃن، ائين هڪ طرف سٺن تخليقڪارن/ شاعرن سان ناانصافي ٿيو وڃي تہ ٻئي طرف ڪتابن جي وڪري تي بہ وڏو اثر ٿئي ٿو.

هروڀرو ائين بہ ڪونهي تہ ڪو اڄوڪي دؤر ۾ بهترين ۽ تخليقي شاعري نہ ٿي ٿئي. نئين ٿهي تمام خوبصورت شاعري ڪري ٿي، پر گهڻ ۾ معياري شاعري نظر انداز ٿيو وڃي.

اها حقيقت آهي تہ پٺائيءَ جي دؤر کان اڄ تائين هزارين شاعر جنم ورتو آهي، پر تاريخ جي تيز طوفان ۽ ڏوڙئي مان ڪي ڳاڻ ڳڻيا شاعرئي، ابر ۾ آفتاب وانگر نڪري نروار ٿيا. ائين اڄ بہ ٿيڻو آهي ۽ سياڻي بہ ٿيندو، اهو تاريخ جو اڻ ٽر فيصلو آهي!

ويـــا اڏامـــي ڪـــڪ
پـــڙ تـــان پـــاهـــڻ نـــہ چُـــڙي

جديد سنڌي شاعريءَ ۾ سينئر ٽهيءَ کان پوءِ، جن شاعرن ڪوتا ڪيتر ۾ ڀرپور ڀرپور کيپ طور پاڻ مڃائي ورتو تن ۾ اياز گل، شريڪانت صدف، ادل سومرو، آسي زميني، مختيار ملڪ، حليم باغي، نصير مرزا، اقبال رند، رکيل مورائي، حسن درس، وسيم سومرو ۽ اياز جاني جا نالا اهم آهن ۽ هن دؤر کي اياز گل کان اياز جانيءَ جو دؤر چئي سگهجي ٿو. ڪن نقادن نئين شاعريءَ جي هن دؤر کي انور پيرزادو کان اعجاز منگيءَ جو دؤر سڏيو آهي. پر آءٌ ۽ ٻيا سينئر ٽهيءَ کان پويان ايندڙ نئين ٽهيءَ جي ڀرين کيپ جي وچ واري عرصي جا شاعر آهيون. نئين ٽهيءَ جي هنن شاعرن منهنجي نظر ۾ انور پيرزادو ۽ اعجاز منگيءَ کان وڌيڪ نئين سنڌي شاعري تي پنهنجي ڇاپ ڇڏي آهي. ٿورو ئي پوءِ احمد سولنگي، سدار نگائي، سعيد ميمڻ اڳيان آيا ۽ ڪجهه ئي سالن جي وٿيءَ کان پوءِ ايوب کوسو، روبينه ابڙو، فياض چند ڪليري، بخشل باغي، رخسانه پريت، ساحر راهو، امر ساهڙ، امر اقبال، مشتاق گبول، آس ٻبر، اسحاق سميجو، جاويد سوز، گل گوماٽي ۽ اياز رضوي ۽ ٻيا نئين سنڌي شاعريءَ جي اُڀ تي جڳمڳائيندڙ ستارن وانگر اُڀري آيا. ۽ محسوس ٿيو ته جديد سنڌي شاعريءَ ۾ نئين آواز ۽ لهجي سان ڪيترا خوبصورت شاعر وارد ٿيا آهن، جن ڪوتا ڪيتر کي سنڌ ٿيڻ کان بچائي ورتو. هنن شاعرن کان پوءِ به هڪ ٽهيءَ سنڌي جديد شاعريءَ جو مان مٿانهون رکيو آهي، جن ۾ حاجي ساند، فياض ڏاهيري، عامر سيال، امر پيرزادو، مسرور پيرزادو، فراق هاليپوٽو، رحمت پيرزادو، زبير سومرو، سائل پيرزادو، اشرف پلي، اياز امر شيخ ۽ ٻيا ڪيترا نوان نوجوان ڳڻي سگهجن ٿا ۽ ائين پوءِ به نوان آواز ايندا رهن ٿا.

هنن شاعرن جديد سنڌي شاعريءَ ۾ غزل، نظم ۽ وائي ۾ جدت ۽ نُدرت سان گڏ جيڪا خيال ۽ معنيٰ جي حسناڪي آندي آهي، ان سنڌي شاعريءَ جو ڳاٽ فخر کان اوچو ڪيو آهي.

غزل جي حوالي سان اسان وٽ سينئر شاعرن ذوالفقار راشدي، ارجن



www.sindhsalamat.com



حاسد، ايم ڪمل، وفا ناٿن شاهي، واسديو موهيءَ کان پوءِ ايئن پئي سمجهيو ويو ته جديد سنڌي غزل، جنهن جو بنياد شيخ اياز ۽ نارائڻ شيام وڌو شايد اهو معيار ۽ تسلسل قائم رکي نه سگهي، پر نئين ٽهيءَ مان سنڌ ۾ اياز گل ۽ هند ۾ شريڪانت صرف نئين غزل، جو حد نشان بنجي آيا ۽ نقادن جا خدشا مات ڪائي ويا. ۽ پوءِ اقبال رند، حسن درس، اياز جاني، رکيل مورائي، روبينه ابڙو، فياض چند، رخسانه پريت، ايوب کوسي، بخشل باغي، امر ساهڙ، جاويد سوز، اسحاق سميجي کان اياز رضويءَ تائين جديد سنڌي غزل، هڪ پيرو وري ست رنگن نقادن، جون تنقيدي تاجيون ٽوڙي پنهنجيءَ نئين اٽت ۽ اوجي سان اُڀري آيو ۽ اڄ سنڌي غزل تي بهار آيل آهي- اُن بهار جي سڳنڌي ماحول ۾ هڪ نالو اياز رضويءَ جو به آهي، جنهن سينئرن ۽ همعصرن جي ابتدائي اثر قبولڻ کان پوءِ پنهنجو لهجو قائم رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

اياز رضوي کي شاعري ورثي ۾ ملي آهي، هن جو نانو سيد عباس علي شاه ڪافي جو وڏو شاعر ٿي گذريو آهي، جنهن جو سلسلو ڪلاسيڪي دور جي وڏي شاعر ۽ پٽائيءَ جي وڏي معاصر شاه عنات رضويءَ سان وڃي جُڙي ٿو. ايئن اياز رضوي ناناٽي نک کان شاعري ورثي ۾ کڻي اچي جديد شاعريءَ جي سٽ سان سلهاڙيو، جنهن ۾ ايوب کوسو، امر ساهڙ، ساحر راهو، روبينه ابڙو ابل آس ٻبر، رخسانه پريت، اسحاق سميجو، جاويد سوز ۽ ٻي پوري هڪ ڪهڪشان شامل آهي.

عجيب اتفاق آهي ته عباس علي شاه جي ڪافي تي به مون قلم آرائي ڪئي هئي ۽ اڄ اياز رضويءَ جي شاعريءَ، خاص ڪري سندس غزلن جو پڻ جائزو وٺي رهيو آهيان.

اياز رضويءَ جي ”اُڪَهي ڪير ڳوڙها“ (پهرئين شعري ڪتاب) کان ’بهارون سوڳواريءَ ۾‘ (ٻئي شعري ڪتاب) جي سفر تي نظر وجهجي ٿي ته معلوم ٿئي ٿو ته هن جي شاعري رديف ۽ قافيي پيمائيءَ تائين محدود نه آهي پر هن ڪيترن همعصرن جي ابتڙ استعارن ۽ تشبيهن جي پرمار



www.sindhsalamat.com

ڪان پري رهي، فڪر ۽ خيال کي اهميت ڏني، پنهنجي سادي ٻوليءَ وارو سادو اظهار برقرار رکيو آهي. هن وڏا بحر ۽ وزنن تي گهٽ شاعري ڪئي آهي، ننڍين بحرن ۽ وزنن جو استعمال ڪري، پنهنجي غزل کي انفراديت ڏني آهي:

پرين! ڍير ڳوڙها
اُگهي ڪير ڳوڙها؟
وئين تون ۽ پهتا،
ننگي پير ڳوڙها!
اڪيلو مان، ساڳي
اُها ٻير، ڳوڙها

❊

روج راڙو نه ڪر
غم اگهاڙو نه ڪر
روز مون کان رُسي
تنگ پاڙو نه ڪر
پنهنجو لهجو پرين
روز ٻاڙو نه ڪر!

ننڍي بحرن ۾ لهجو وفا ناٿن شاهي ۽ اياز گل کان پوءِ، اياز رضويءَ جنهن خوبصورتيءَ سان ڪم آندو آهي، اُن سندس غزل کي انفراديت ڏني آهي، ’بحر تقارب‘ جي ٻن رُڪنن ’فعولن فعولن‘ واري مختصر سٽاءَ مان قافيو ۽ رديف ڌار ڪجن ته هر سٽ ۾ صرف هڪ هڪ لفظ بچي ٿو. پر اُن هڪ لفظ سان قافيو ۽ رديف جوڙي، جيڪي خود هڪ هڪ لفظ تي مشتمل جيڪو لهجي ۽ خيال جو سنگم جوڙيو ويو آهي، ان اياز رضويءَ جي غزل کي نواڻ ۽ اسلوب جي انفراديت بخشي آهي. مثلا ”’پرين‘ (تخاطب)هڪ لفظ آهي، ’ڍير‘ (قافيو) هڪ لفظ آهي ۽ ’ڳوڙها‘ (رديف) هڪ لفظ آهي، ۽ اهي ٽئي لفظ ملي شعر جي هڪ سٽ





جوڙين ٿا ۽ ٻيا ٽي لفظ: ’اُگهي‘، ’ڪير‘ ۽ ’ڳوڙها‘ ملي ٻي سٽ جوڙين ٿا ته شعر جو بند جُڙي پوي ٿو ۽ اُن جو جيڪو تاثر اُڀري ٿو، اهو ئي غزل جي ’اشاريت‘ ۽ ’تغزل‘ کي اُڀاري بيهي ٿو ۽ اياز جو غزل ڪامياب غزل لڳي ٿو- ۽ ائين وري!

وئين ٿُون ۽ پهتا
ننگي پير ڳوڙها!

واري بند کي ڏسجي ٿو ته: ’هُن‘ (شاعر جي تخاطب ’تون‘) جي ’وڃڻ‘ سان ’ڳوڙهن‘ جو ’ننگي پير‘ پهچڻ واري ترڪيب، سنڌي شاعريءَ ۾ اڇت لڳي ٿي ۽ وڏي ڳالهه ته هن مختصر بحر وزن واري بند ۾ شاعر پنهنجي محبوب سان مخاطب ٿيندي ڪنهن به ’محترم لقب‘ جو انتخاب نه ٿو ڪري، پر ’تون‘ جو صيغو (ضمير حاضر) ڪم آڻي ٿو، جنهن لفظ ۾ جيڪو پيار، جيڪا پنهنجائپ موجود آهي، اُها ’دلبر‘، ’دلربا‘، ’مهلقا‘، ’سڄڻ‘، ’سپرين‘ وغيره لفظن ۾ نه آهي.

اهڙيءَ ريت ’اڪيلو‘، مان، ’اُها ٻير‘ ۽ ڳوڙها، لفظن جي ميلاپ سان غزل جو جيڪو بند جُڙي ٿو، اُن جي پويان ’معصوم پيار‘، ’ڳوناٽي پيار‘ جو هڪ پسمنظر جُڙي، اسان جي اکين اڳيان اچي ٿو:

اڪيلو مان، ساڳي
اُها ٻير، ڳوڙها!

تصور ڪريو ته ’ٻه معصوم پريمي‘ هڪ ٻير جي هيٺيان ويهي پيار جا ناتا جوڙين ٿا، ٻير ڏوٽي ٻير چاٽي کائين ٿا- ۽ پوءِ هڪ ڏينهن جڏهن ’معصوم عاشق‘ ساڳيءَ ٻير جي هيٺيان اڪيلو اچي بيهي ٿو، سندس محبوبا موجود نه آهي، ۽ هُن جي اکين ۾ ڳوڙها آهن! غزل ۾ هن قسم جو خيال ٻه مختصر بحر وزن ۽ مختصر لفظن ۾، جديد سنڌي غزل، جو حسن آهي.

يا وري سندس هڪ ٻئي غزل جو بند ڏسو:

هڪ چار گذاري وئي،

هڪ سار گذاري وئي.

هن غزل جي بند ۾ صرف قافيي جي بدلاءَ سان ڪيڏي نه اهم ڳالهه ڪئي وئي آهي. پيار ڪندڙن ٻه دليون، جنهن چار (ورڻ) جي هيئيان ويهي پيار جا عهد پيمان ڪندا هئا، بيدرد زماني جي بيدرد ماڻهن اُها ’ڄار‘ وڍائي ڇڏي. شاعر ’ڄار‘ جي وڍجڻ کي ’گذارڻ‘ سان تشبيهه ڏئي ٿو ۽ گڏوگڏ اِهو اظهار ڪري ٿو ته اُن سان گڏ لفظ ڄڻ ته ”هڪ سار گذاري وئي“ ـ ته هڪدم ’واه واه!‘ جا لفظ زبان تي تري اچن ٿا ۽ شاعر جي مشاهدي ۽ پبليڪشن کي داد ڏيڻو پوي ٿو.

اياز رضوي جي هڪ غزل جي هيٺين بندن ۾ ’رديف‘ جو ڪيڏو نه سهڻو پچاءَ نظر اچي ٿو:

سُتيءَ تون رات ڪمري ۾،
رُني ڳچ دير چاندوڪي
ـ
انڌن جي شهر ۾ رضوي
سنڀالي ڪير چاندوڪي
ـ
وڃائي هوش ويٺي آ،
ٻُڌي ڪا ڇير چاندوڪي!

رديف جو هي سهڻو استعمال ته دل کي ڇُهي ٿو پر خيال ۽ احساس جو حُسن، تونڙي گهرائي وڏيڪ متاثر ڪري ٿي. خيال جي حُسن جو اندازو ته ڪريو شاعر محبوبا سان مخاطب ٿيندي، سندس حسين بدن ۽ سارونپن جو ذڪر ڪرڻ کان سواءِ جڏهن چوي ٿو ته ”تون جڏهن ڪمري ۾ وڃي سُتينءَ ته چاندوڪي (جيڪا خود حسن جو روپ آهي) تنهنجي غير موجودگيءَ ۾ ڳچ دير تائين روئندي رهي“ — يا وري ’ناچڻيءَ جي پيرن ۾ پايل / ڇير جي وڄت ٻُڌي چاندوڪي پنهنجو هوش وڃائي ويهي ٿي‘ ـ اها خيال جي حسناڪي جڏهن جديد غزل ۾ نظر اچي ٿي ته جديد



www.sindhsalamat.com



شاعريءَ جو مستقبل تابناڪ نظر اچي ٿو.

يا وري هي مختصر بحر وزن واري غزل جو بند ڏسو:

روشني ٿي پوي
شاهه ڳايو وڃي!

شاهه لطيف جي شاعري ڳائڻ سان ’روشني ٿي پوڻ‘ وارو احساس ٻڌائي ٿو ته اسان جي نوجوان شاعرن ڪلاسيڪل کان نيو ڪلاسيڪيت جو جيڪو سفر ڪيو آهي، اُن ۾ هنن پنهنجي ورثي کان اکيوٽ نه ڪئي آهي، پر اُن جي دائمي قدرن کي پنهنجو ڪيو آهي، اڄ جڏهن اونده جي قوتن جي مذهبي انتهاپسنديءَ جي روپ ۾ هن ڌرتيءَ تي يلغار ٿي رهي آهي ته اسان جو نوجوان شاعر ”شاهه جي شاعريءَ کي روشنيءَ جي علامت“ ۽ اونده جي قوتن سان مقابلي جو هٿيار سمجهي ٿو. اهڙي طرح هُو پنهنجي روشن، ماضيءَ مان اتساهه وٺي ٿو.

خون ڪري پيو نوحه جواني،
دل ـ ديبل تي پٿر برسيا!

غزل جي هن بند ۾ شاعر وٽ، تاريخ جو شعور ملي ٿو مسجدن، مندرن، ڪليسائپ ۽ امام بارگاهن تي خودڪش حملن ذريعي رت جي جيڪا هولي کيڏي وڃي ٿي، ان خون کي شاعر زنده روپ ڏئي چوي ٿو ته هي بيگناهه وهندڙ خون نوحه خواني ڪري پيو. ڄڻ ته دل جي ديبل تي منجنيقن ذريعي پٿر برسن پيا!

ايازرضويءَ جي شاعريءَ جا مون جيڪي مثال ڏنا آهن، اُهي سڀ سندس پهرئين مجموعي ”اُڃ کير ڳوڙها“ مان ڏنا ويا آهن. سندس نئين ڪتاب ”بهارون سوڳواريءَ ۾“ ۾ به اها نواڻ موجود آهي، جيڪا سندس غزلن ۾ واين مان اُڀري اچي ٿي، مثال طور!

ڇئوس ڪمرو ڇڏي اچي ٻاهر
چنڊ کي انتظار ڪافي آ!



www.sindhsalamat.com

انـــبلـــٺ جـــهـــڙو لڳـــنـــدو آهـــي،
ڳـــوٺ، مـــنـــي! تـــو وارو مـــون کـــي!

چاڙهيا ڪيڏا چت تي،
نشا تنهنجي نام،
ڇُٽيندا جي ڳوٺ ۾
مهڪيا ڇُوڙا ماڪ ۾.
چنڊ ڏنو پيغام:
ڇُٽيندا جي ڳوٺ ۾!

اياز جي نئين شاعريءَ تي آءٌ تبصرو ڪونہ ٿو ڪريان، ان جي پڙهندڙ اوک ڊوک ڪندا. شال! سندس هيءَ نئين شاعري، سندس پهرين ڪتاب جو ڀرم قائم رکي!

آءٌ اياز رضوي کي هڪ مشورو ڏيندس تہ شاعري ڳارائڻ جي شوق ۾ ’رضوي‘ تخلص جو استعمال گهٽ ڪري. شيخ اياز ڪٿي لکيو آهي تہ (اصل لفظ ڪجھ ٻيا آهن، پر مفهوم هي آهي تہ) ’تخلص، شاعر جي انا جي سڃاڻپ آهي، مون بہ اياز تخلص ڪافي ڪم آندو آهي، پر جيڪڏهن تخلص گهٽ ڪم آڻجي تہ بهتر“۔ ان روشنيءَ ۾ اياز رضويءَ ’رضوي‘ تخلص ڪم آندو آهي، ڇو تہ ’اياز‘ تخلص شيخ اياز، اياز گل ۽ اياز جانيءَ کان پوءِ ڪم آڻڻ هن مناسب نہ سمجهيو آهي (جڏهن تہ اياز گل بہ محتاط رهندي ’گل‘ ۽ اياز جاني، ’جاني‘ تخلص ڪم آندو آهي) ڇو تہ شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ تي ڇاپ امٽ آهي. هر شاعر کي پنهنجو ڊڪشن ۽ پنهنجي ٻولي ڪم آڻڻ کپي، جيئن هو پنهنجي لهجي مان سڃاپجي. اياز رضويءَ، رضوي تخلص ڪٿي تہ بهتر ڪم آندو آهي، پر گهٽين جاين تي اجايو لڳي ٿو. ان جو استعمال جيترو گهٽائي تہ بهتر. ٻي ڳالھ جيڪا رڳو اياز رضوي نہ پر ڪيترن نون شاعرن تي لاڳو ٿئي ٿي تہ اهي اردو شاعريءَ جي اثر هيٺ قافين ۾



www.sindhsalamat.com



اعرابن (زبر، زير، پيش) جو خيال نہ ٿا ڪن. ’پَڪَ، ڪَڪِ، شڪُ‘ يا اهڙن ٻين قافين جو استعمال عام آهي، جنهن کان پاسو ڪرڻ گهرجي، خاص ڪري اسان جا سنڌي شاعر، جن جي مادري ٻولي سرائڪي آهي سي اڪثر اها غلطي ڪن ٿا. اياز رضوي، سندس همعصرن ۽ ڪانئن پوءِ ايندڙ نئين ٽهيءَ جي شاعرن کي ان ڳالھ جو خاص خيال رکڻ گهرجي تہ جيئن جديد سنڌي شاعريءَ ۾ جيڪو ٻوليءَ جو ’چنڊ–چٽاءُ‘ موجود آهي، سو برقرار رهي. اياز کي مشورو ڏيندس تہ هو ڊگهن بحرن وزنن بجاءِ ننڍا بحر وزن ڪم آڻي تہ بهتر ٿيندو جن تي لکيل سندس حاصل آهي.

آخر ۾ اياز رضوي لاءِ سندس همعصر دوست ايوب کوسي جا هي لفظ، پنهنجا سمجهي دهرايان ٿو تہ: ’اياز رضوي، نظر انداز ڪرڻ جهڙو شاعر نہ آهي‘ شال! سندس ’رنگن جي شاعري‘، ’جوڀن جي آرسيءَ‘ ۾ حسين تر رهي!

**تاج جويو**



www.sindhsalamat.com

# هوا، خُوشبوءِ اُجالن جو شاعر

محبت جو جذبو انسان جي اعليٰ ترين جذبن مان هڪ آهي. جڏهن مُحبت جو واس روح ۾ لهڻ شروع ڪندو آهي تڏهن نيڻ نهار تائين گُل ئي گُل نظر ايندا آهن. داغستان جي البيلي شاعر رسول حمزاتوف هڪ هنڌ لکيو آهي ته، ”پيار جي جذبي ۾ ٻُڏل ٿيل هڪ الهڙ ڇوڪري برف باريءَ جي صبح ۾ جڏهن ڪمري جي دري کولي آرس ڀڳو ته دل مان بي اختيار رڙ نڪري وئي ويس مار! ٻاهر ڪيڏا گُل ٽڙيا آهن. سندس ماءُ حيرت مان چيو ته ڪٿي آهن گل؟ ٻاهر ته برف ئي برف آهي!“

جين مت جي هڪ روايت آهي ته ”هڪ ساڌو جهنگ مان گذرندي ڪنهن سُڪل وَل کي چيو ته تون ڦُٽي پئو. ساڌُو جي چوڻ جي دير هئي، سُڪل وَل ٽِڙي پئي. اُنهيءَ تي ڪنهن ڏسندڙ حيرت مان پڇيو ته اهو ڪيئن ٿيو؟ ساڌو مُرڪي چيو مُحبت جي ڪري فقط مُحبت جي ڪري!

مُون چيو ميندِي کيٿ کي اُٿي ڦُٽِي پوءِ!
مُون کي ڪيئي سؤ رَتا گهُرجن هٿڙا!

اياز رضوي جي شاعري پڙهندي مونکي رسول حمز اتوف جي لکٽي ۽ جين مت جي هي روايت بار بار ياد اچي رهي آهي، اياز رضوي ڌرتي ۽ سرتيءَ جي مُحبت ۾ ٻُڏ ٿي لفظن جي سُڪل ولين ۾ شاعريءَ جي گلزاري پيدا ڪئي آهي نيڻ نِهار تائين هوا، خوشبوءِ اُجالن جو تمنائي بڻيو آهي.



www.sindhsalamat.com



شيخ اياز جي اُنهيءَ راءِ کي سنڌي ادب ۾ تمام گهڻو دُهرايو ويو آهي ته هر ’شاعر مُحبت‘ ’شاعر انقلاب‘ ٿي سگهي ٿو پر هر ’شاعر انقلاب‘ ’شاعر مُحبت‘ نه ٿو ٿي سگهي. آئون به هتي اُنهي ءَ راءِ جو سهارو وٺي اظهار ڪرڻ ٿو چاهيان ته اياز رضوي مُحبت جو شاعر آهي ۽ محبت جي جذبي ۾ رهي انقلاب لاءِ گَسُ گهڙي ٿو. سماج ۾ موجُود اُنهن حالتن جو خاتمو چاهي ٿو جيڪي انسان جي عزتِ نفس کي نقصان رسائين ٿيون، انسان جي بنيادي جبلتن کي دٻائن ٿيون. اياز رضوي جي دل جي معصوم چاهنا آهي ته انسان جي عزت نفس کي ضرب نه رسي، اياز انساني آزادي ۽ ڀائيچاري جي قدرن کي جيارڻ لاءِ جستجو ڪري ٿو. اياز رضوي جو سپنو آهي ته انسان انسانن وانگر جيئي ۽ پنهنجي جنم ڀومي تي آزادي سان ساهه کڻي.

ڪن پڪڙ ۽ نڪ گيساٽ جي قطار ۾ اسان جا ڪيترائي ڏات ڌڻي بيٺل آهن جيڪي ڏاڍي اڳيان گونگا ۽ هيٺي اڳيان ٻوڙا ٿي پئسي ۽ عهدن جا هڏڙا چوسڻ لاءِ واجهائي رهيا آهن.

انهيءَ دؤر ۾ اسانجي اياز رضوي وٽ قلندرانه وڏائي سان گڏ فقيراڻي نيازمندي آهي. ٻي کي دردن ۾ ڏسي مُنهن نه ٿو ڦيرائي ۽ نه وري مُنهن مونن ۾ وجهي پاڻ کي پاڻ ۾ ڳولڻ ۾ مصروف رهي ٿو.’ٻري جن ٻاري‘ واري ڀٽائي جي قافلي جو فرد ٿي شاعراڻي ديوانگي جي جُنون ۽ جذبي سان سماج جي المين، اُداسين ۽ محرومين جا ڇٽ پنهنجي شاعريءَ ۾ ڇٽي ٿو. هڪ شاعر طور تي مٽي ۽ ماروئڙن سان جذباتي وابستگي پوري ريت نڀائي ٿو ڌرتيءَ جا درد دل سان لائي امن، آشتي ۽ بقا جي لاءِ لکي ٿو عالم انسانيت لاءِ ويچاريندي به هُن قوميت جي شعور کي هٿان نه ڇڏيو آهي. سنڌيت جي تصور ۾ هن جي شاعري هڪ اهڙو آئينو آهي جنهن ۾ سنڌ جي تقدير چمڪي ٿي، پراچين سپيتا جي پُڪار گونجي ٿي.

مون شاعريءَ کي ڪڏهن جاميٽري سمجهي ليڪا نه پاتا آهن نه وري



www.sindhsalamat.com

ڪڏهن حساب جو پرچو سمجهي ونڊ جوڙ ڪٽ ڪيو آهي شاعري مُنهنجي لاءِ چنبيلي ول تي ماڪ ڦڙن وانگر رهي آهي. مون شاعري کي ڪارونجهر جي مور جي رقص وانگي روح ۾ اتاري آهي، آئون سچي شاعر ۽ شاعري سان پيار ڪندڙ ماڻهو آهيان. منهنجي لاءِ تنقيد جي نالي ساڙ حسد ۽ لوئڻ وارو عمل پاپ برابر آهي.

سنڌي غزل جي تاريخ ۽ تشريح تي تمام گهڻو لکيو ويو آهي سنڌي غزل جي شروعات نور محمد خُستہ کان ڄاڻائي وڃي ٿي پر وڏي وقت تائين سنڌي غزل فارسيت ۾ ٻُڏل رهيو. خليفي گل ۽ سانگي مقامي رنگ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي پر اڪثر غزل جي صورت ساڳي رهي گهڻو وقت پوءِ ڪشنچند بيوس، هري دلگيري، ڪيئل داس فانيءَ جي سنڌي شاعري ۾ انقلاب آڻڻ واري گس تي هلي شيخ اياز سنڌي غزل جي ڪايا پلٽائي ڇڏي سنڌي غزل فارسيت مان آجو ٿي گيڙو ويس اختيار ڪيو. نامياري شاعر سرمد چانڊيي پنهنجي هڪ ليک ۾ سنڌي غزل جي تاريخ کي ٽن دؤرن ۾ ورهايو آهي. سرمد چانڊيي موجب پهريون دؤر خليفي گل کان شروع ٿي قليچ تائين پهچي ٿو ٻيو دؤر شيخ اياز کان اياز گُل تائين، ٽيون دؤر انهيءَ کانپوءِ شروع ٿئي ٿو جيڪو نوجوانن جو دؤر آهي. مونکي خبر ناهي تہ دؤرن جي درجابندي ڪرڻ وارا وفانا ناٿن شاهي، وفا پلي ۽ واجد منگي کي ڪهڙي دؤر ۾ شامل ڪن ٿا. پر جديد سنڌي غزل کي اياز جي گيڙو ويس غزل کانپوءِ پروان چاڙهڻ ۾ نارائڻ شيام، ايم ڪمل، ارجن حاسد، امداد حسيني، اياز گل، ادل سومري سان گڏ وفا ناٿن شاهي، وفا پلي ۽ واجد منگي جو اهم ڪردار رهيو آهي. پويان ايندڙ ٿهي انهن کي پڙهي، اُتساهہ وٺي غزل جي گهاڙيٽي ۾ پنهنجا پير پُختا ڪيا آهن وفا ناٿن شاهي ۽ واجد منگي اياز رضوي جا ويجها دوست رهيا اياز رضوي انهن مان وڌ اتساهہ ورتو آئون چاهيان ٿو ڳالهہ کي اڳتي وٺي وڃڻ کان اڳ ۾ وفا ۽ واجد جي سٺن جو سُرو من ۾ ماڻيندا هلون.

وفا ناٿن شاهي:







نہ فرض پالي سگهان ٿو نہ پيار ساهِيڙي،
ٻڌاءِ اهڙي جيئڻ مان مراد ڇا هي ڙي .

سڄي جهان کي آزادگيون عزيز آهن.
نہ ڪو غلام ٿجان نہ ڪو غلام ڪجان.

واجد منگي:

مون تہ شمع ۾ سا ڪونہ ڏٺي
جا پيڙه هُئي پرواني ۾

زندگي جي هر ادا مونکي قبول
باوفا يا بي وفا مونکي قبول،
زندگي وئرٿ وئي واجد مگر
تلخ ٿيا جي تجربا مونکي قبول.

اياز رضوي پنهنجي شاعريءَ ۾ وفا کي ميجتا ڏيندي چوي ٿو تہ:

غزل ۾ فلسفو ڪوئي،
ڪري شامل وفا جهڙو.

اياز رضوي کي وفا جي شاعري پنهنجي شاعري وانگر عزيز رهي آهي اياز رضوي نشيلين محفلن ۾ پنهنجي شاعري سان گڏ وفا ۽ واجد جي شاعري پڙهڻ فرض سمجهيو آهي ايتري اُتساهہ وٺڻ باوجود غزل ۾ روايتي پيروي ڪرڻ جي بدران پنهنجي واٽ ورتي آهي جنهن تي هلي پنهنجي تخيل جي اُڏار سان نئين نسل لاءِ نرالا غزل لکي ٿو.

ٻين جي پيروي رضوي
ڇڏي تخليق ذاتي ڏي

نرالا غزل ڪي نئين نسل لئہ
لکي ڄڻ آئون سوجهري ٿو سُمهان

اياز رضويءَ جو هن کان اڳ ۾ هڪ مجموعو ”اکهي ڪير ڳوڙها“ جي نالي سان شايع ٿيل آهي. اياز رضوي غزل جي فن جي سانچي ۾ خيال جي نزاڪت سان پوري ريت نڀائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي خاص طور ننڍي بحر وزن ۾ خوبصورت غزل لکيا آهن.

تو خواب وِڪيا پنهنجا
صدمو رسيو مونکي

سنڌ جي زمين تون
سرڳ کان حسين تون

اسانجي عشق جي مني
آهين بس امين تون

وِڇوڙو بد دُعا جهڙو
حياتي لئہ سزا جهڙو

انگور بدن تُنهنجو
چڻ نور بدن تنهنجو

لهجي ۾ رڳو تنهنجي
چو ٻير ڪندا آهن

ٿورو ترس اجا
ٻي چئي شام آ

اياز رضوي اڪثر طور غزل پهرين سٽ ۾ عمل ڏيکاري ٻي سٽ ۾ رد عمل آڻي موضوع سان انصاف ڪري ٿو. ڪٿي ڪٿي پهرين سٽ ۾ عمل ۽ ردعمل گڏ آهن اياز رضوي وٽ (Creative Sensiblity) اياز رضوي





جا موضوع پنهنجي سماج جا موضوع آهن. پنهنجي مٽي ۽ ماڻهن سان گڏ رهندي پيار پيڙا، پڇتاءُ، دک، درد، آس، نراس، المين، اداسين، تلخين، بيواجبين، ريت روايت جي داخلي توڙي خارجي ڪيفيت کي لفظن ۾ آندو آهي. اياز جي شاعري پنهنجي سماج جي شعوري لاشعوري ۽ نفسياتي عڪس آهي. اياز رضوي پنهنجي شاعري ۾ جدت باوجود پنهنجي ڪلاسڪ سان رشتو جوڙي رکيو آهي. پنهنجي ڌرتي جي مزدورن ۽ منصورن سان پٽائي وانگر پيار ڪري ٿو پٽائي سنڌ جي هر سجاڻ شاعر جيان اياز رضوي جو به رهنما آهي.

اڄ ريت روايت کي ٽوڙيون
هن ڳوٺ کي نئين آڪاٽي ڏي.

هر آفت کان محفوظ رهين،
توکي بخشي مولا جواٽي ڏي

ڪاتي هينيان مرڪيا آهيون،
ڪنڌ تي ڏئي لت رنو آ.

ڪيڏو پيٽ بکايل خاطر،
در تي اُڇليل پٽ رنو آ.

بستي ۾ بادشاهي آهي شڪارين جي،
محفوظ ڪيسين رهندو پنڇين جو آشيانو

مٽي کي ٿو مهڪائي،
مزدور بدن تنهنجو.

ڏس محل پريندي سيٹن جا.

مزدور چڙهي ويا ڦاهي تي،

هر دور ۾ حق جا نعرا هڻي،
منصور چڙهي ويا ڦاهيءَ تي.

هوا خوشبو اجالو تون،
زماني کان نرالو تون،

چٽيو پيو روح تي آهين،
پٽائي جو رسالو تون

وک وک تي ڪُني آهي،
چا دل شهيد ناهي.

اياز رضوي جي ٻولي سادي سلوڻي ڳوناٽي ٻولي آهي، پنهنجي ڀرواڙي جي ماحول جا محاورا، چوڻيون، اُهڃاڻ، استعارا، ترڪيبون ۽ تشبيهون ڪڻي ٿو جن سان هن جي غزلن ۾ ٻولي جي حسناڪي جهلڪي ٿي

پيٽ پرڻ ۾ پورا آهيون،
جانچ ڪٿي پڙتال ڪٿي آ.

زمانو ڪري ڪوششون ڪيتريون،
سچو زهر مان اوچري ٿو سمهان.

چرين وانگر چاهت ڪرڻ،
ڏيندا رهندا جهاوا آهيون.

دنيا پيٽ مُجيري جو ۽،
سپنا سرڙئي هاري جهڙا.





پنهنجو آ پڪو رشتو
هارين ۽ هرن جهڙو.

محبت کي سائنسي فلسفي ۾ نہ پر شاعري جي سٽن ۾ بيان ڪري سگهبو آهي، اياز رضوي محبت کي بيان ڪندي غزل کي حُسن جو هندورو بڻائي ٿو جنهن ۾ پڙهندڙ/ ٻُڌندڙن جو روح جهولي ٿو اياز رضوي ميران ٻائي وانگر سانوري جي رنگ ۾ رچيل شاعر آهي، ميران ٻائي چوي ٿي تہ:

بن پيا جوت مندر اندهيارو،
ديپ دائي نہ آوي.

(پيار جي جوت کانسواءِ من جي اندر ۾ اوندهہ ئي اوندهہ آهي، ڏيئو بہ ڪم نٿو اچي)

اياز رضوي جي من ۾ سدائين پيار جي جوت ٻرندي رهي آهي. پيار جي صحبت ۾ اياز رضوي شاعري جو بهار پرپور رکيو آهي، خوبصورت بدن جي خوشبوءِ سٽن ۾ محسوس ٿئي ٿي. ڪن سٽن کي پڙهندي سيسرات اُڀري اچن ٿا تصور ۾ بي اختيار ٽري لوڪ گيت تري اچي ٿو تہ ”ڪامڻ ڪري گيو ڙي“ (جادو ڪري ويو ڙي) فارسي جي ڪنهن شاعر چيو آهي تہ: هرڻ پڇڻ وقت تو ڪان سکيو آهي، ٽپ ڏئي پڇڻ، بيهڻ ۽ ”پوئتي ڏسڻ“

ڪامڻ ۽ هرڻ جا سمورا آرپار هن جي غزلن ۾ موجود آهن.

پنهنجو تعلق ڪيئن توکي سمجهايان،
گل بدن تي تون ماڪ سمجهي ڇڏ.

آئون ٻي ڪا امان چو ڳوليان،
پنهنجي ٻک جو هيراڪ سمجهي ڇڏ.

***

تو بن زخمي عڪس جيان،
جيون بي گهر شخص جيان.

قافلو منهنجي سوچن جو،
مستن جي آ رقص جيان.

ٽهڪ رضوي ٿا آرسون موٽن،
ساز ڪيڏا ڇڙي رهيا آهن.

خوشبو چنڊ ۽ تارن کي،
دل جي گهر جو پاتي رڪجي.

خوشبو جي ڪرن جهڙو،
ٿون مور پرن جهڙو.

جنت جون سِڪون لاهي،
تو حُور بدن ٿُنهنجو.

رک ڏور هوائن کان،
آ پُور بدن تنهنجو

***

اياز رضوي جون اهڙيون سٽون پڙهندي ڪنهن کي هندي جي شاعر "ست سُئي" جي مصنف بهاري لال جي ڪوتا ياد نه ايندي؟ اياز رضوي جي شاعريءَ مان بهاري لال جي سٽن جهڙي سُڳند اچي ٿي

پوشن يار سنيار هي ڪيون يه تن سڪمار،
سود هي پاءِ نه دهر پرين، سو پائين ڪي پار.

(اي نفيس ڪامڻي تون زيورن جو وزن ڪيئن ڪڍيئين، توکان جوين جو بار به سنڀالجي نه ٿو، جواني جي وزن سبب ٿُنهنجا پير زمين تي سڌا



www.sindhsalamat.com



نه ٿا پون)

ڏيٺ نه برت سمان رُت ڪنڪ اڪنڪ سيس ڪات،
پوشڻ ڪر ڪر ڪس لگت، پرس پڇائي جات

(ڪامڻي جي جسم جو رنگ سون جهڙو آهي، اُن تي چمڪندڙ زيور ڏسڻ ۾ نه ٿا اچن، ڇاڪاڻ ته ٻنهي جو رنگ هڪ جهڙو آهي پر جڏهن هٿ سختي محسوس ڪري ٿو ته زيور جو پتو پوي ٿو)

هن ڌرتيءَ جو دودو دلير جنهن جي لاءِ شيخ اياز چيو ته:

دودا ٿُنهنجو ساهه ته ويندو،
پر ماڻهوءَ جو ويساهه نه ويندو

صديون گذري ويون آهن ماڻهن جو ويساهه اڄ به ساڳيو آهي، اياز رضوي پنهنجي ديس جي دودي جي پڳ کي روشن ڏسي ٿو.

دودا دلير ٿُنهنجي
ڇا پڳ ۾ روشني.

اهڙي طرح اياز رضوي پنهنجي هيرن کي خراج تحسين پيش ڪندي روپلي ڪولهي ۽ شهيد بختاور کي پنهنجي ڪوتائن ۾ پيتا ڏني آهي، شهيد بختاور تي اياز رضوي جو شعر پڙهي مونکي حبيب جالب جو حيدر بخش جتوئي تي لکيل نظم ياد اچڻ لڳو. شهيد بختاور ۽ حيدر بخش جتوئي ٻئي هاري اڳواڻ هُئا اسانجو هاري انهن جي جدوجهد جي نقش قدم تي قائم رهي ها ته سندن اڄ تقدير تبديل ٿي چڪي هُجي ها.

جي بختاور جي وات وٺي،
ڇو هٿ ڪجي هارياڻي ڏي!

اياز رضوي جي اهڙي ڪري شاعريءَ جو بنيادي ڪارڻ اهو ويساهه آهي ته

مرڻو حُسين ناهي،
رهڻو يزيد ناهي.



www.sindhsalamat.com

اهڙو ويساهه رکندڙ شخص سدائين مظلوميت جو طرفدار هوندو آهي هيٺين جي ڌُر تي بيهندو آهي، هُن کي حسيني پياس وِک وِک تي ياد ايندي آهي اياز رضوي چوي ٿو.

پياس حُسيني ياد پوڻ سان،
هٿڙن ۾ شربت رُنو آ

نفاست ۽ نزاڪت سان مُحبت جي ڪونپل ڪچڙن احساسن تي شعرسرجندڙ شاعر مُحبت انهيءَ ڪيفيت ۾ شاعرِ انقلاب بڻجي وڃي ٿو پر رومانس کي هٿان نه ٿو ڇڏي انقلاب جي اُنس کي رومانس جي رومال ۾ ويڙهي پيش ڪري ٿو پُختي ۽ سگهاري شاعر جو اهو ئي ڪمال هوندو آهي.

مقتل گاهن جي گسن تي مُروئي جي مهڪار آٽي، ڦاسي گهاٽ جي ڦندن کي سِٽي گل جيان محسوس ڪرائي، دلبري جي دلڪشين کان وڏيڪ ڏرتيءَ جي دردن کان ڪوتا جي پاندن ۾ ميڙي مٿي هاٽن ماٺهن کي اتساهي ٿو.

سنڌ ۾ پلجي نالي سان ڇو،
بنگالي، گجراتي رکجي.

هن سنڌ جهڙو آهي منهنجو وجود رضوي،
هڪ پيرو جيڪو آيو واپس نه ٿيو روانو.

سڀي سنڌ نيڻن ۾ اڪريل اٿم،
ننگر ۾ ڪڏهن ساڪري ٿو سمهان.

ڏياري هولي تُنهنجو مُرڪڻ،
سنڌي ٻولي تُنهنجو مُرڪڻ.





شال سنڌ ۾ هُجان،
موت ويجهو هجي،

من ۾ هرپل سنڌ وسي ٿي،
ان جي هر ڪک پن ۾ آهيون

گهر کي جلائي ڏياري هڪ ڪونه مون ڪئي آ،
منهنجو سڄو نسل ئي، مون جهڙو آ ديوانو.

اياز رضوي لکڻ کي ڪڏهن سستي شهرت جو ذريعو نه بڻايو آهي نه وري ڪڏهن ادبي محفل جي صدارت يا خاص مهمان جي ڪرسي والارڻ واري خصيص خواهش من ۾ پيدا ڪئي آهي. هن ميراجِي جي ”پرلي امرت پيالا پياري“ واري ڪيفيت ۾ ڪارين ڪجرين اکين جي اُلارڻ کان وٺي پارڪر جي ڳم ڳنڍير . ڏُٿ ۽ ڏوٿيئڙن تائين هر منظر ۾ لفظ بازي کان آجي زندگيءَ جي ضمير جي سِٽ سِرجي آهي اياز رضوي جي شاعري سنڌي سماج جو ذهني، شعوري ۽ نفسياتي عڪس آهي، هن پنهنجي وطن ۾ سياست ۽ ڪاموري بدن تي مُنافقي ۽ لوپ جي ڪيڙن کي ٻُر ٻُر ڪندي ڏٺو آهي! اياز رضوي کي سُڃ ۽ ڏُٿ ڏورينڌڙ ڏوٿيئڙا تمام پيارا آهن مارُوئڙن کي درد مان آجو ڏسڻ جو هِن جي اندر ۾ اڻ ئي پهر اُلڪو رهي ٿو جن وٽ نه اجهو آهي نه اٽو آهي نه آگاهي آهي نه آسرو.

اياز رضوي وائي، بيت ۽ نظم سان به خُوب نڀايو آهي، آئون هِتي صرف غزلن جو ذڪر ڪري سگهيو آهيان طوالت جي ڊپ کان وائي، بيت ۽ نظم جي موضوعن کي ڇيڙيو ناهي پر گڏي ۽ گل گوماٽي کي اياز رضوي جي شاعري ۾ ڪيئن نظر انداز ڪري سگهجي ٿو؟ ڇٽيندا جي ڳوٺ ۾ هٿ ۾ جهلي جام رام ريجهائڻ واري رِيت رُوح ۾ ريلا ڪري اچي اُٿي. عيد ڏهاڙي به هٿين خالي گهر پهچندڙ ور جي درد ڪهاڻي معاشي ترقيءَ




www.sindhsalamat.com

جي هام هڻندڙن جي ڳل تي هٿوڙي وانگر لڳي ٿي. سماجي سُڌارن جي دعوائن کي ڏوڙ ڪري ٿي "جانچي ڏس تاريخ کي "واري وائي ۾ رهزنن جي رهبريءَ کان بچڻ جي لاءِ هوشياري جي هڪ صدين جي پيڙا جي صدا آهي. "نازڪ ڏاڍو دؤر آ" ۾ ديس پرديس لڳڻ ۾ ڏيهي ڏُور ٿيڻ جي آذيت ۽ اَلمين جو چِٽو عَڪس پَسجي ٿو. انهن سمورين واين. بيتن ۽ نظمن ۾ پڙهندڙ پاڻ پنهنجو وجُود ڳولڻ جو اختيار رکي ٿو. مون کي ائين لڳو آهي جيئن اردو جي ڪنهن شاعر چيو آهي ته:

يہ عشق نهين آسان. بس اتنا سمجهہ ليجيئي،
اِک آگ کا دريا هي اور ڈُوب کي جانا هي!

**ياڙُو مَل اَمراڻي سُونهڙ**
**چيلهار، ٿرپارڪر**
**11_ جُولاءِ 2016ع**


www.sindhsalamat.com



# شاعريءَ جي پيار جي پاڇي ۾

شاعريءَ! آئون تنهنجي حضور ۾ پاڻ کي اُن شخص وانگر محسوس ڪري رهيو آهيان جيڪو مُدتن کانپوءِ ڪنهن عبادتگاه ۾ اچي بظاهر ته سجدي ۾ جهڪيو آهي، پر سندس ذهن ڪنهن بئي ماڳ ڀٽڪي رهيو آهي. منهنجي به تنهنجي حضور ۾ بس ايتري ئي ڪمائي آهي. پر تنهنجون مون ناچيز تي اڻ ڳڻيون نوازشون آهن تو مون جهڙي عام رواجي ماڻهو کي بامقصد زندگي گذارڻ جو درس ڏنو منهنجي وجود کي وشالتا بخشي توئي مون کي پنهنجي ڌرتيءَ ۽ قوم سان عشق ڪرڻ سيکاريو. تو مون کي انسانيت جو علمبردار بنايو تنهنجي طفيل ئي مون فطرت سان پيار ڪرڻ سکيو ۽ تو مونکي ڪيترائي پيار ڪندڙ دوست ڏنا جيڪي منهنجي وجود جو حصو ۽ حياتي جو ڪُل سرمايو بڻجي ويا. سچ پچ آئون تنهنجو هڪ ٿورو به لاهي نٿو سگهان عام رواجي زندگي ۾ به تنهنجي لامحدود هئڻ جي احساس مون کي ڪيترين ئي ڪم ظرفين کان بچايو آهي ۽ مون دليون ڳنڍڻ وارو وکر ورهايو آهي، تنهنجي صدقي مون بابا ڀٽائي جي بئي فهم سان پرين پسڻ واري سٽ تي عمل ڪندي پنهنجي ڌرتيءَ جي هيسيل ماڻهن سان سندس ڏک سُک ۾ شريڪ ٿيڻ کي افضل عبادت ڄاتو آهي.


www.sindhsalamat.com

شاعريءَ! هي اهو رهزن دؤر آهي جنهن ۾ سچي ڌرتيءَ جو گولو جُون جي پرندڙ سج جيان دوزخ بڻيل آهي ۽ ماڇيس بدران ماڻهو ماڻهو سان جلي رهيو آهي. ان ماحول ۾ صرف تنهنجو دوستاڻو ۽ عاشقاڻو وجود ئي ماڻهن کي ڪجهه گهڙين لاءِ روحاني سڪون بخشي ٿو.

مون لاءِ اها ڳالهه به مُسرت ۽ آٿت جو باعث آهي ته ڏکين حالتن باوجود منهنجي قوم جا باذوق نوجوان مذهب جي نالي ۾ ڪي فساد ڪرڻ بدران گهڻي تعداد ۾ تنهنجا پوئلڳ آهن ۽ توسان پيار ڪن ٿا ۽ پٽائي، سچل، سامي ۽ مئين شاهه عنايت رضوي واري ڏسيل واٽ جا پانڌي آهن. مون کي سچ جهڙو ويساهه آهي ته تو ذريعي ئي جهر جهنگ ۾ محبتن جا گيت گُونجندا درد جي ڪاري رات ختم ٿيندي، امن آجپي سلامتي جا نوان سج هن ڌرتي مٿان ضرور اُڀرندا.

آئون اهو ڄاڻان ٿو ته تون (شاعريءَ) زمانن کي جاڳائين ٿي، تبديلين جا رابيل ٽڙائين ٿي. مون وٽ قطعي اها دعويٰ ناهي ته مون گلزار ڪيو آهي! نه ائين ناهي اصل ۾ تو مون کي حق ۽ سچ جو حاميءَ بنايو آهي، تون جنهن به روپ ۾ مون وٽ آئي آهين، مون اهو روپ قبول ڪيو آهي، بس اها دلي ڪوشش ڪئي اٿم ته توسان نپاءُ جاري رهي، چاهيو اهو اٿم ته تنهنجو روح ميرو نه ٿئي. تنهنجي مُرڪ قائم رهي، تنهنجا آرس اوپرا نه لڳن. شاعريءَ تو مون کي جيڪو منفرد وجد ڏنو آهي، ان کان وڌيڪ مون لئه ٻي ڪا به دولت ناهي.

مهربان پاٺڪو! آئون توهان پنهنجن سيني مهربان پڙهندڙ چاهيندڙ دوستن جو دل جي گهراين سان شُڪر گذار آهيان جن سال 2005ع ۾ ڇپيل منهنجي پهرين شعري مجموعي ”اُڱهي ڪير ڳوڙها“ کي محبتن ڀري موٽ ڏني روبرو، فون توڙي خطن رستي منهنجي بي حد گهڻي همت افزائي ڪئي توهان جي ان حوصله افزائي مون کي وڌيڪ لکڻ لاءِ اتساهيو پنهنجو هي ٻيو شعري مجموعو ”بهارون سوڳواريءَ ۾“ توهان جي خدمت ۾اِن آس سان پيش رهيو آهيان ته مون کي پنهنجي بهترين


www.sindhsalamat.com



مشورن ۽ راين سان نوازيندا ته جيئن منهنجي لاءِ شعري مسافت سولي بنجي سگهي ۽ آئون شاعريءَ جي سفر ۾ پنهنجو اوڻايون دور ڪري سگهان ۽ توهان پاٺڪن کي ئي مان بهترين نقاد سمجهان ٿو.

آخر ۾ آئون ٿورائتو آهيان اُتساهه پبليڪيشن مٺي جي روح روان مانائتي دوست دليپ دوشي لوهاڻو جو جنهن گذريل ٽن چئن سالن کان مختلف ادارن ۾ دربدر ٿيندڙ منهنجي هن مجموعي کي پيار جو ڀاڪر آڇي هڙان وڙان خرچ ڪري مختصر عرصي اندر پڙهندڙن تائين پهچائي عمر ڀر لاءِ مون کي پنهنجين محبتن جو قرضي بنائي ڇڏيو آهي.

ان ڪانسواءِ آئون احسان مند آهيان پياري ڀاءُ دليپ ڪوٺاري ۽ سندس شاگرد تيرٿ راڻي جو جن ڏينهن رات محنت ڪري هي ڪتاب ڪمپوز ڪيو آئون پنهنجن پيارن سائين شنڪر ساگر، گل گوماڻي، آسي زميني، وفا محمود نهڙيو، اشوڪ شرما، ايوب ڪوسو، پرڪاش ڪرماڻي، عيسيٰ نهڙيو، حفيظ سنڌي، عبدالحميد نهڙيو، امر ساهڙ ۽ پارو امراڻي جون محبتون ۽ ٿورا ڪيئن ٿو وساري سگهان جن وک وک تي منهنجو ساٿ ڏنو ۽ رهنمائي ڪئي پنهنجين نيڪ صلاحن سان نوازيو.

**اياز رضوي**
03332514637
03003317337
**ٽپال گهر نئوڪوٽ**
**تعلقو ڄُهڏو ضلعو ميرپورخاص سنڌ**
ayazshahrizvi12@gmail.com


www.sindhsalamat.com










سِنڌُ جي زمين تون،
سَرڳُ کان حسِين تون.

اسان جي عشق جي مِٽي،
آهين بس اَمينَ ٿُون.

موت ڪُلفتن سَندو،
مُحبتن جو دين ٿُون.

زرد هن وجُود کي،
ڪري وئين رنگين ٿُون.

ڪجهه نہ چئو پلي ڪٽي،
آهين پر ذهين ٿُون.

وسي ٿو تو ۾ پٽ ڏٽي،
سکر بہ تون بدين ٿُون.

وجود کان پري رهي،
ڪڏهن بہ آهين ڪين ٿُون.

غلام تنهنجي در جو آ،
اَياز ڪر يقين ٿُون.

✤ ✤

وڇوڙو بَد دُعا جهڙو،
حياتي لئہ سزا جهڙو.

هي دل بيمار جنمن جي،
تنهنجو درشن شَفا جهڙو.

ڪو ماڻهو ويجهڙو هوندي،
لڳي ٿو پيو جُدا جهڙو.

غزل ۾ فلسفو ڪوئي،
ڪري شامل وفا جهڙو.

اسان جو نيڪ هر جذبو،
لڳئي چو ٿو خطا جهڙو.

زماني جو رويو آ،
مُدي خارج دوا جهڙو.

پنهنجا سپنا ڏيئي جهڙا،
سچو پاڙو هوا جهڙو.




بهارون سوڳواريءَ ۾

نگاهن ۾ ويو لڪجي،
ڪو چهرو التجا جهڙو.

نڪي جائو نڪي جمندو،
عليؓ مُشڪل ڪشا جهڙو.

اوهان جي شهر ۾ ”رضوي“،
گداگر جي صدا جهڙو.

✤ ✤

* **وفا ناٿن شاهي:** ناليوارو سنڌي غزل گوُ شاعر ۽ تغزل جو بادشاهہ


www.sindhsalamat.com

هوا خُوشبو اُجالو ٿُون،
زماني کان نِرالو ٿُون.

چِٽيو پيو رُوح تي آهين،
پِٽائيءَ جو رسالو ٿُون.

اسان جي هر مصيبت جو
رُڳو آهين اَزالو ٿُون.

بنهه وکري ويا آهيون،
کو هاڻي ڪر سَنڀالو ٿُون.

اندر جي ڳالهه ٿئي پَڌري،
چپن جو کول تالو تون.

پرين ٿو رنگ محفل ۾،
هُجين جهڙو جمالو ٿُون.

ڪرين ڪنهن لاءِ ٿي آخر،
رئو هر روز آلو ٿُون.

گڏي چڏ هاڻ رضوي جو
غُلامن منجهه نالو تون.

✤ ✤



www.sindhsalamat.com



نٿي دل ڳَڪِ سَهي تو تي،
پرين اُپري لَهي تو تي.

ميارُون سپ حصي منهنجي،
نہ ڪوئي ڏُک نهي تو تي.

خزان ۾ پيي رهين سَرهو
نہ هِڪڙو پن ڊهي تو تي.

سدائين سُونهن جي ديوي،
مِٺي! راضي رهي تو تي.

وفا جي راهہ ۾ ”رضوي“،
پلي خنجر وهي تو تي.

✤ ✤



www.sindhsalamat.com

حُسن جي بادشاهي آ،
اسان جي عشق ناهي آ.

وفا جي پيچرن تي دل،
اسان وِهتن جان واهي آ.

حياتي ٻوڙ جو نالو،
اوهان جو ساٿ ساهي آ.

نتيجو ڪُلفتن جو بس،
اڳيان پويان تباهي آ.

ٻئو هيڪر نہ ڪو نڪتو،
هي لالچ چڙهه تي ڪاهي آ.

پرين هر موڙ تي توکي،
مون اَرپي خير خواهي آ.





تنهنجي تصوير سان ڳوڙهن،
يڪي ياري نباهي آ.

اَياڻي تي لڳي جيڪا،
حقيقت ۾ سا ڏاهي آ.

غمن جي شهر ڏي جانان،
وري ٿيو رُوح راهي آ.

دُنيا ڀيو ڪجهہ گُهريو رضوي،
مُحبت پاڻ چاهي آ.

✤ ✤

حسن پنهنجي جي هاڪ سمجهي ڇڏ،
مون کي پيرن جي خاڪ سمجهي ڇڏ.

تنهنجي مُکِ تي نظر پوڻ کان پو،
مون کي بلڪل ئي پاڪ سمجهي ڇڏ.

پنهنجو تعلق ڪيئن توکي سمجهايان،
گُل بدن تي تون ماڪ سمجهي ڇڏ.

رُوح منهنجي کي سمجهه راڻو ءِ،
گهر سندءِ کي تون ڪاڪ سمجهي ڇڏ.

ٿي نه حيران هڪڙو جهير ڏسي،
دل، جگر، سينو چاڪ سمجهي ڇڏ.

آئون ٻي ڪا امانَ چو ڳوليان؟
پنهنجي ٻک جو هيراڪ سمجهي ڇڏ.

تو مان دل ٻَربي ڪونه رضوي کي،
هر جنم جو هيراڪ سمجهي ڇڏ.

✤ ✤



www.sindhsalamat.com



اک اک ۾ دفن آهي لُڙڪن جو هڪ خزانو
هر شخص جي اَندر ۾ دردن جو ڪارخانو.

بازار سوچ جي ۾ جيڪو به ٿو وِڪامي،
پيڙاءُ جو رهي ٿو پلپل اهو نشانو.

گهر کي جلائي ڏياري هڪ ڪونه مون ڪئي آ،
منهنجو سڄو نسل آ مون جهڙو ئي ديوانو.

ڊيِنگاسري* ۾ ڊيلون اڄ رنگ پيو ورهائن،
خوش ٿي پيو ڪيڪاري ٻاجهر جو ڪانو ڪانو.

بستيءَ ۾ بادشاهِي آهي شڪارين جي،
محفوظ ڪيسين رهندو پَنڇين جو آشيانو.

تاريخ زندگي جي ڪولي پڙهي ڏٺيسون،
رنگين باب آهي نديڻ جو بس زمانو.

هن سنڌ جهڙو آهي پنهنجو وجود رضوي،
هڪ پيرو جيڪو آيو واپس نه ٿيو روانو.

✤ ✤

**ڊيِنگاسرو:** ننگرپارڪر جو هڪ ڳوٺ*



www.sindhsalamat.com

هڪ ٻئي لاءِ پراوا آهيون،
جڻ ٻئي ڳُوڙهي دعويٰ آهيون.

پن ڇڻ رُت جو قبضو آهي،
ڪير چوي ٿو ساوا آهيون؟

تنهنجي درشن جي نعمت مان،
ڪونہ ڪڏهن من ڍاوا آهيون.

پٿرن سان ڪيئن رشتو جوڙيون،
اندران پاهران ڪاوا آهيون.

چرين وانگر چاهت ڪارڻ،
ڏيندا رهندا جهاوا آهيون.

جو پل ويجها هُوندا آهيو،
خوب ڪندا پوءِ جاوا آهيون.

درد جو درياءَ جهاڳڻ لاءِ،
پاڻ تہ رضوي ڄاوا آهيون.

✤ ✤





توبن زخمي عڪس جيان،
جيون بي گهر شخص جيان.

تنهنجي ياد بہ زخم ڏنا،
ماڻهو ڪنهن بي ترس جيان.

ڪوڙ سدائين پڌرو آ،
ڪير ۾ پاڻي سرس جيان.

رنگ اُفق جي نيڻن جو،
بلڪل تنهنجي پرس جيان.

قافلو منهنجين سوچن جو،
مستن جي آ رقص جيان.

ڪونہ ٿو وسري هو رضوي،
اُستادن جي درس جيان

✤ ✤

تنهنجو پاڙو پيارو مون کي،
ڪونہ سُجهي ٻيو چارو مون کي.

توسان سر جا سودا ٿي ويا،
حاصل ٿيو جڳ سارو مون کي.

دل جي بلڪل ويجهو آهين،
ناهي ڪو مُونجهارو مون کي.

ڏيندو هر اڳواڻ رهي ٿو
روز نئون هڪ نعرو مون کي.

اندلث جهڙو لڳندو آهي،
ڳوٺ مِٺي تو وارو مون کي.

توکان ٿوڙي ڪونہ سگهي ٿو
پٿرن جو وسڪارو مون کي.

پنهنجيون غلطيون ڪو نہ ڏسين ٿو
مُفت ڪرين ٿو ڪارو مون کي.

راتين جو رولاڪ مان رضوي،
ڇاڻي ٿو هر تارو مون کي.
✤ ✤


www.sindhsalamat.com



اڄڻ ۾ دير هر پيري،
نہ ڪر انڌير هر پيري.

ڇُمين تي گُلبدن پنهنجو
نہ ايڏو هير هر پيري.

ملڻ لاءِ ڪريو زخمي،
اچين دل، پير هر پيري.

وڌائيندي حياتي آ،
هي تنهنجي چير هر پيري.

وسي ٿو مينهن خوشبو جو
سندءِ ڇئو ڦير هر پيري.

سدائين اڻ هيريا هيري،
نہ اکيون ڦير هر پيري.

سموري ڳوٺ جا پٿر،
سهي ٿي ٻير هر پيري.

سندءِ هڪ مُرڪ ٿي ڊاهي،
غمن جا ڍير هر پيري.

روئڻ آ مشغلو رضوي،
سنيالي ڪير هر پيري
✤ ✤


www.sindhsalamat.com

نظر کي جا وڻي نہ آ
اُها اسان ڳڻي نہ آ

اوهانجي ريس جا ڪري
اجان ڪا ماءَ ڄڻي نہ آ

اڇي ڪيئن ننڊ چين جي
هٿن جي ڪا ڦڻي نہ آ

هي زندگي آ مختصر
جواني پي گهڻي نہ آ

ڏِگهو ڏڪار ٿي ويو
ڪا قرب جي ڪڻي نہ آ

اکين جو نُور ڇوڪري
هُو پيير جي پڻي نہ آ





رُلي سو ويندو راھ ۾
جنهن ڏڻ سندو ڏڻي نہ آ

فدا ٿي وڃ فراق ۾
تون هام ڪا هڻي نہ آ

نہ ڪنهن جو ٿي سگهيس ڪڏهن
۽ منهنجي هو بڻي نہ آ

پرين جي ياد ذهن تان
اياز ڏس ڇڻي نہ آ

✤ ✤

رُسيو توبن جپ وچي،
چڇندي چڙهيو تپ وچي.

رُسندو آهين پوکن ۾،
جڳ کي لڳيو مپ وچي.

تنهنجي هڪڙي گُهور پرين،
سِبيو منهنجا چپ وچي.

پيار جي ٻيڙي لوڏن ۾،
پرتي ٽيندو ڪپ وچي.

درد جو هر آواز ٻڏي،
وڏندو دل جو ٻپ وچي.

ڏيئن کي بي درد هوا،
روز هٽيو ٽي ٽپ وچي.

درد نئون نيٽن کي ڏيو،
لڙڪن جي هر لپ وچي.

رحمت زحمت ٻٽجي وئي،
ملندا سين پر گپ وچي.

✤ ✤



www.sindhsalamat.com



ڏياري هولي تنهنجو مُرڪڻ،
سنڌي ٻولي تنهنجو مُرڪڻ.

پار نہ ڪوئي پهچي سگهندو،
سنڌوءَ چولي تنهنجو مُرڪڻ.

روز سليندي دل ٿرندي آ،
پيارو پرولي تنهنجو مُرڪڻ.

عشق جي ويرين لاءِ سڏي آ،
جڻ هي گولي تنهنجو مُرڪڻ.

يار پري هر وار سگهي ٿو،
خالي جهولي تنهنجو مُرڪڻ.

ڏارين ماٺهن جي ميلي ۾،
پنهنجي ٽولي تنهنجو مُرڪڻ.

ڪافر شخص پلائي سگهندو،
منڙي لولي تنهنجو مُرڪڻ.

فارسي، عربي، ”رضوي“ ڪونهي،
سنڌيءَ سولي تنهنجو مُرڪڻ.

✤ ✤



www.sindhsalamat.com

تون پنهنجي وچن کي پاڙي ڏي،
هڪ رات اسان کي راڙي ڏي.

ٻي ڏوهہ اڪين کان ڏوُر رهي،
تون درد نہ چاڙي واڙي ڏي.

اڄ ريت روايت کي ٽوڙيون،
هن ڳوٺ کي نئين آڪاڙي ڏي.

هر آفت کان محفوظ رهين،
توکي بخشي مولا جُواڙي ڏي.

جي بختاور جي واٺ وٺي،
چو هٿ ڪچي هارياڙي ڏي.

آ سمجهہ سراسر سُور خدا،
موٽائي وهي ٻاراڙي ڏي.

هر روز ميارون ساجن کي،
ٿي آس ڪا ڳوڙهن هاڙي ڏي.

چُڙ واڳ جواني کي رضوي،
ڪا سُونهن نٿي سمجهاڙي ڏي.

✤ ✤



www.sindhsalamat.com



پِرين ياد توکي ڪري ٿو سُمهان.
اندر منجهہ خوشبو ڀري ٿو سُمهان،

متان ٿي زيارت وجي خواب ۾،
سُمهان ٿو انهي آسري ٿو سُمهان.

ٽڏي دل سان ويهي پرين سوچجان،
ڪٿي تو کان آئون پري ٿو سُمهان.

تنهنجو هٿ هٿن ۾ آ پويان پلي،
ڪٽي ڪجهہ وهي واپري ٿو سُمهان.

سڄي سنڌ نيڻن ۾ اُڪريل اٿم،
ننگر ۾ ڪڏهن ساڪري ٿو سُمهان.

زمانو ڪري ڪوشون ڪيتريون،
سڄو زهر مان اوچري ٿو سُمهان.

منهنجي سنڌ ماتا ڪڙهائي ۾ آ،
اکين منجهہ ڳوڙها تري ٿو سُمهان.

نِرالا غزل کي نئين نسل لئہ،
لکي آئون چڙ سوجهري ٿو سُمهان.

مليو نئين حياتي وجي ذهن کي،
ٻہ ٽي ڏک رضوي ڀري ٿو سُمهان

✤ ✤



www.sindhsalamat.com

فيض دل جو غني پکيڙي ٿو،
شهر ۾ روشني پکيڙي ٿو.

محبتن جو سفير آ شاعر،
چنڊ جان چاندني پکيڙي ٿو.

روز تولئہ وجود ور پنهنجو،
فائلن ۾ وني پکيڙي ٿو.

آهي دلڪش مناس لهجي ۾،
شخص ڪو چاشني پکيڙي ٿو.

روئي پاڳن تي ڪوئي سانوڻ ۾،
گهر ڪچي تي پني پکيڙي ٿو.

مند هر ڪنهن ۾ حُب منجهان هاري،
خواب تو ۾ ٻني پکيڙي ٿو.

انت اوندهہ جو رضوي آٽڻ لئہ،
سچ پنهنجي ڪني پکيڙي ٿو.

✤ ✤


www.sindhsalamat.com



توکي منهنجو خيال ڪٿي آ،
تو ۾ ساڳي ڳالهہ ڪٿي آ.

پُهتو منهنجو تو وٽ ڪڏهن،
سر بستو احوال ڪٿي آ.

وِک وِک تي آ سوڳ وِڇايل،
هيل سٺائو سال ڪٿي آ.

وقت بدن لاءِ مرهم آهي،
پربو دل جو خال ڪٿي آ.

حق جو جهنڊو هٿ ۾ آهي،
مون وٽ دولت مال ڪٿي آ.

پيٽ پرڻ ۾ پُورا آهيون،
جانچ ڪٿي پڙتال ڪٿي آ.

ڳوڙهن سان ڳل آلا تنهنجا،
رهجي ويو رُومال ڪٿي آ؟


www.sindhsalamat.com

سادي ماڻهو ڳوناڻي وٽ،
شطرنج واري چال ڪئي آ.

دلبر سامهون وينو آهين،
لفظن ۾ سُر تال ڪئي آ.

هر هنڌ رت جي هولي آهي،
ڌرتي جو رکوال ڪئي آ.

توڪان پرتي وِڪريل آهيون،
بهتر پنهنجو حال ڪئي آ.

جوڀن رُت ۾ جُهور ٿيو رضوي،
هن جي هاڻ سنڀال ڪئي آ.

✤ ✤





چيئي توڙي ٻہ ٽي جُملا،
ويا ڪيڏو ڦَٽي جُملا.

سوين ڀيرا اڪيلائي،
وئي سُهڻا چَٽي جُملا.

سگهيا پُهچي نہ تو تائين،
ويو قاصد جَهٽي جُملا.

ڪوي ٿو روز ڪاغذ تي،
محبت جا چَٽي جُملا.

تو لئہ سانڍي رکيل دل ۾،
نہ شل ڪوئي پَٽي جُملا.

چيا مُرڪي تو هڪ ڀيرو،
چِڙيا سي مون رَٽي جُملا.

سِمنڊ سوچن جو جهاڳي ٿو،
اَمُلهہ شاعر ڪَٽي جُملا.

وڏي ڪوشش ڪئي رضوي،
ويئي سر تان مَٽي جُملا.

✤ ✤

تو ۾ ڪا ديد ناهي،
اکين جي عيد ناهي.

مرڻو حسين ناهي،
رهڻو يزيد ناهي.

پڪ ڄاڻ عاشقن جي،
مٽي پليد ناهي.

تنهنجي پرين محبت،
هاڻي شديد ناهي.

مرضي جي آهي مالڪ،
دل زر خريد ناهي.

آٿت جو لفظ ڪوئي،
هاڻي مفيد ناهي.

نئين دور ۾ به تنهنجو،
جذبو جديد ناهي.



www.sindhsalamat.com



ڪا ڳالهه من اندر جي،
توکان بعيد ناهي.

وڪ وڪ مٿي ڪُٺي آ،
ڇا دل شهيد ناهي.

توکان پري رهڻ جي،
همت مزيد ناهي.

ڪڪرن مان ٿر اُجايل،
لاٿي اُميد ناهي.

اَڄ موٽ وقت رضوي،
ڪنهن جو مُريد ناهي.

✤ ✤



www.sindhsalamat.com

سفر اسان جي نصيب ۾ آ،
نہ گهر اسان جي نصيب ۾ آ.

مڙهيون ڇو الزام ڪنهن تي سائين،
چڪر اسان جي نصيب ۾ آ.

پرين جي زلفن جي رنگ جهڙو،
ڪڪر اسان جي نصيب ۾ آ.

وفا جي بدران جفا جو ڇا لئہ،
ثمر اسان جي نصيب ۾ آ.

اي حُسن تُنهنجا مَزُورَ آهيون،
پَگهر اسان جي نصيب ۾ آ.

جو سنگباري ڪري ٿو سوئي،
بشر اسان جي نصيب ۾ آ.

اوهان جي بدليل خلوص واري،
نظر اسان جي نصيب ۾ آ.





جتي محبت جو قحط آسو،
نگر اسان جي نصيب ۾ آ.

ڪنهن رڻ جي خاموش واٽ جهڙو،
پَڌر اسان جي نصيب ۾ آ.

جتان ملي ساڃاهہ جي سُتي آ،
سو در اسان جي نصيب ۾ آ.

سُڪن جو سُورج اُڀرندو رضوي،
سحر اسان جي نصيب ۾ آ.

✤ ✤

اک ۾ جذبو ظاهر ڪونهي
سپنن جي ٿي واهر ڪونهي

سيني چوڙيون پائي ڇڏيون
ڳوٺ ۾ ڪوئي آهر ڪونهي

پيهر سنڌ محبتن ۾ آ
اڄ ڪو راجا ڏاهر ڪونهي

ساهه کان ويجهو آهي سپرين
پل ڪو دل کان ٻاهر ڪونهي

نيڻ پڙهي ٿو ڄاڻي ”رضوي“
ڪيئن چوين ٿو ماهر ڪونهي.

✤ ✤



www.sindhsalamat.com



روح تنهنجي چاهه ۾،
جسم مقتل گاهه ۾.

عاشقن جي زندگي،
ڏُوڙ ٿي وئي راهه ۾.

وڻ به ڄاڻي روز ٿو،
لُڙڪ پنهنجا واهه ۾.

ڏار ڇو پئجي ويا،
پيار جي ويساهه ۾.

ڪو ڇڏي ويو بي رحم،
نِينگري درگاهه ۾.

ڇا رکيو آ جنگ ۾،
بهتري آ ٺاهه ۾.

خرچ ٿي ويو آدمي،
وقت جي آڙاهه ۾.



www.sindhsalamat.com

دل سميٽيندو رهيس،
تون رهين پيچ ڊاهہ ۾.

رنگ جياپي جو رچيل،
سُرت ۾ ساڃاهہ ۾.

عاشقي جو دڳ اٿئي،
پير پوندئي باهہ ۾.

ڏات جا ٿي پَرُ ڪَٽِيا،
دوستن ساراهہ ۾.

پل نٿو وسري سگهين،
تون سدائين ساهہ ۾.

اُپ سچو لرزي ويو،
ڇا اثر هو آهہ ۾.

آس پيو رضوي رکي،
شخص بي پرواهہ ۾.

✤ ✤





ياد جاني ڪجان،
مهرباني ڪجان.

دل حوالي ڪيم،
نگهباني ڪجان،

راهہ ۾ عشق ڪي،
پنهنجو باني ڪجان.

هر ڪنهن ظالم اڳيان،
حق بياني ڪجان،

هُو اچي جنهن گهڙي،
گُل فشاني ڪجان،

پنهنجي ساٿيهہ سندو،
پيو نہ ثاني ڪجان.

پل امر دار تي،
زندگاني ڪجان،

دلبري تان فدا،
هي جواني ڪجان،

درد جنهن پل وڌي،
گُم نشاني ڪجان.

ڳالهه جي تون ڪرين،
ڪا سُهاني ڪجان.

مون تي رضوي رڳو،
حڪمراني ڪجان.

✤ ✤



www.sindhsalamat.com



پاڻي پاڻي سنڌ سڄي آ،
ساڻي ساڻي سنڌ سڄي آ.

مُرڪون سپنا مينهن ڪسي ويو،
ڏس ويڳاڻي سنڌ سڄي آ،

ماڻهو گهرتڙ مال لُڙهي ويو،
هيل ڏڪاڻي سنڌ سڄي آ.

ڪارُونجهر ڏي ٻوڙي نڪتي،
اڄ اُپراڻي سنڌ سڄي آ،

ستسنگ ٻُڏندي لڳندي بلڪل،
هي ڀڳتياڻي سنڌ سڄي آ،

پِٽ ڀڳي آجهوڪ جُهريو آ،
ٿي قيدياڻي سنڌ سڄي آ.



www.sindhsalamat.com

وس وارن جي ڏُک ۾ ڪاٽي،
محبت ماڻي سنڌ سڄي آ.

واءُ سَٽائو وار خُدايا!
هاءِ نماڻي سنڌ سڄي آ.

سوچي ڏسجي پُڳڙن مُٺ تي،
چو تہ وڪاڻي سنڌ سڄي آ.

ڪوہ مسيحا ڪونهي "رضوي"
سُورن هاڻي سنڌ سڄي آ.

✤ ✤

2011ع جي مها ٻوڏ تي لکيل





ڳالهہ زباني ڪي هر ڪوئي ڄاڻي ٿو
اک جي ٻولي ڪوئي ڪوئي ڄاڻي ٿو.

صرف انا جو خول ڦِٽو ڪرڻ پوندو،
عيب تہ پنهنجا سيڪو ڏوئي ڄاڻي ٿو.

آئون مهان مسيحا اُن کي ئي چوندس،
ٻئي جي ڏُک تي جيڪو روئي ڄاڻي ٿو.

ڪونہ سوو ڪبو ڪونہ ئي جُهڪندو ڪنهن آڏو،
تنهنجي لَڄ جو ماڻهو لوئي ڄاڻي ٿو.

آهي محبت مذهب منهنجي ڌرتي جو،
سچ انهي کي جڳ سڄو ئي ڄاڻي ٿو.

خوب ڪڙهيو ۽ درد پڙهيو آ جنهن "رضوي"
راز حياتي جا تہ اُهو ئي ڄاڻي ٿو.

✤ ✤

تنهنجي هڪڙي نهار ڪافي آ،
هاڻ مون لئہ ڇمار ڪافي آ.

قرض هڪ رات ۾ ڪٿي لهندو،
زندگي جي اُڌار ڪافي آ.

پوک احساس جي پئي پيل ٿئي،
توڙي هڪلي مون جهار ڪافي آ.

ڇئوس ڪمرو ڇڏي اچي ٻاهر،
چنڊ کي انتظار ڪافي آ.

ڪوئي بادل خُلوص جو برسي،
چاهتن جو ڏُڪار ڪافي آ.

جهول منهنجي ۾ لڙڪ، غم اُلڪا،
تنهنجي حصي ۾ پيار ڪافي آ.


www.sindhsalamat.com



گهاءُ گهرا ڏنئي حياتي کي،
هي نوازش بہ يار ڪافي آ.

نانءُ تنهنجو لبن تي آ هر هر،
اڄ لڳي ٿو خُمار ڪافي آ.

دشمنن جا هزار ٿين حملا،
تنهنجو هڪڙو ئي وار ڪافي آ.

ديپ وانگي جلان پيو رضوي،
هجر ۾ هي قرار ڪافي آ،

✤ ✤


www.sindhsalamat.com

ڌرتي جو حُبدار اسان جو پنهنجو آ،
سارو هي سنسار اسان جو پنهنجو آ.

”انسانن سان پيار ڪري، ڪهڙو بہ ڪٽي،“
دين ڪري اختيار اسان جو پنهنجو آ.

پاءُ سڀُو پيي ناهي سچو جي ساٽيھ سان
ڪونہ اُهو غدار اسان جو پنهنجو آ.

اکيون ٻُوٽي گس نہ ڪنهن جو ورتوسين،
شعرن ۾ اظهار اسان جو پنهنجو آ.

ظالم اڳيان ڪنڌ جُهڪيو آ ڪونہ ڪڏهن،
دُنيا ۾ ڪردار اسان جو پنهنجو آ.

حق جو نعرو جنهن بہ هنيو جنهن مهل هنيو،
سمجهي ڇڏ ويچار اسان جو پنهنجو آ.

پيار ڪرڻ جو طور طريقو ڪئين ڇڏجي،
رنگ اهو سرڪار اسان جو پنهنجو آ.

ناحق جڳ ۾ رضوي آ ڪنهن جو بہ وهيو،
خون سو خوشبودار اسان جو پنهنجو آ.

✤ ✤



www.sindhsalamat.com

بهارون سوڳواريءَ ۾

نہ تون جٺري مهماتي ڏي،
حياتي ٿي حياتي ڏي.

خدا! احساس ڪان آجو
نہ ڪنهن کي گهر جو پاتي ڏي.

سفر مشڪل اکين تي پر،
سُريلو ڪوئي ساٿي ڏي.

وصُل جو سوچ تحفي ۾،
رُڳو سگھٽي نہ جهاتي ڏي.

ڏيڻ چاهين ٿو جي دل ۾،
جڳهہ پوءِ بلاتي ڏي.

مڪين ٿو درد جا لشڪر،
ڪُشادي پوءِ ڇاتي ڏي.

قلم سان عشق منهنجو آ،
ڪڏهن هٿ ۾ نہ ڪاتي ڏي.

ٻين جي پيروي رضوي،
ڇــڏي تــخــلــيــق ذاتــي ڏي

✤ ✤



www.sindhsalamat.com

اکين کي قهر ڏئي وئين تون،
خُماريل پهر ڏئي وئين تون،

سمنڊ! سپ خواب ڳڙڪائي،
ڪپر تي لهر ڏئي وئين تون.

پرين بي رنگ لحمن کي،
سڳنڌ جا شهر ڏئي وئين تون،

لڳو امرت جيان مونکي،
جڏهن پيي زهر ڏئي وئين تون.

ڪِلئين مهڪي پيو ”رضوي“،
رُنئين جڻ قهر ڏئي وئين تون

✤ ✤





ڏُور نہ ٿي تون مُور اڳيان،
لٽ تہ آن بي نور اڳيان.

دنيا جنت لڳندي آهي،
هوندي آ جي حُور اڳيان.

رستو سوڙهو سُور اڳيان،
منزل پنهنجي ڏُور اڳيان.

هر هر ويندي ڏوهہ نہ آ،
مُک هجي منظور اڳيان.

ڪونہ ٿا مُنهنجا پير اُٿن،
جهڙو هجي ڪو طور اڳيان.

هر ڪا آٿت بي معنيٰ
پيار تنهنجي پُور اڳيان.

ذات پات جا ليڪا ڇا،
چاهت جي دستور اڳيان.

هرڪو پٿر ميڻ ٿيو
تنهنجي هڪڙي گهور اڳيان.

سچ تہ سائين سچ آهي،
سولي ڇا منصور اڳيان.

پنهنجا خالي هٿ ”رضوي“،
دشمن آ پر ڀُور اڳيان.

✤ ✤



www.sindhsalamat.com

بهارون سوڳواريءَ ۾

ڀٽڪيل ڪوئي رُوح حياتي لڳندي آ،
توکان پرتي ٿُوهہ حياتي لڳندي آ.

رنگ اُڏاٽا دل جي سيني خوابن جا،
هاڻي هي مجرُوح حياتي لڳندي آ.

دوزخ جهڙي رات اندر ۾ درد گهڻا،
جُهور صفاهي ٿوهہ حياتي لڳندي آ.

اڳ ۾ ندين جهڙي هئي پر تو کان پوءِ،
يار ڪسارو کوهہ حياتي لڳندي آ.

هُن جي شهر ۾ رضوي هر ڪنهن ماڻهو کي،
پنهنجي ڇو مڪرُوهہ حياتي لڳندي آ.

✤ ✤



www.sindhsalamat.com

نيٽن ۾ ٻُڏي چوري
ڏرتي جان ڏُڏي چوري،

چو بار هُئي گهر تي،
معصوم گڏي چوري،

ڏس ڪيت ڇُڳي دل جو،
وئي ٽُرت اُڏي چوري،

دل روز تنهنجي در تي،
ايندي آ ڪُڏي چوري،

محلن جي تون رهواسي،
مون وٽ تہ ڪُڏي چوري،

چا پيار جو واءُ گهليو،
لامن جان لڏي چوري،

تو بن هي جواني جڻ،
ڪاتي ڪا مُڏي چوري،

ٿي ويندو فنا رضوي،
جي آس ٽُڏي چوري.

✤ ✤







تو در سوالي منهنجا ڳوڙها،
وار نہ خالي منهنجا ڳوڙها.

پر پُٽ تو سان ٿيندا رهندا،
روز حوالي منهنجا ڳوڙها.

مون ڪان پوءِ بہ جيئرا رهندا،
منهنجا والي منهنجا ڳوڙها.

ڇرڪين ڇو ٿو ڪهڙي ڪن ٿا،
ڳالهہ نرالي منهنجا ڳوڙها؟

تنهنجن يادن جي بس ڪن ٿا،
هي رکوالي منهنجا ڳوڙها،

هر صدمي تي حاضر آهن،
يار حِلالي منهنجا ڳوڙها،

رضوي آڻيندا جيون ۾،
ڪا خوشحالي منهنجا ڳوڙها.

✤ ✤

جواڻ ملي ڪا پوڙهي ڪي،
باهه لڳي چڻ لوڙهي ڪي.

سنگت جو لاچار هجئي ها،
ڏسين نه ها ڳٽ ٿوڙهي ڪي.

تنهنجي دوري بخشي آهي،
معنيٰ هر هڪ ڳوڙهي ڪي،

دهشت گرد وڪوڙي ويا هِن،
چڪرا ڳوٺ منهوڙي ڪي.

ڪونه قبوليو عشق اياز،
ماٺهو دل جي سوڙهي ڪي.

✤ ✤





پرتي نه رفيقو آ،
هو دل ۾ هٿيڪو آ.

تنهنجي عشق ئي سيکاريو،
جيئڻ جو سليقو آ.

نيٽن سان ستائڻ جو،
هي ڪهڙو طريقو آ.

ٽيا نيڻ سمنڊ آيو،
اڄ ياد وري ڪو آ.

پوڳن ۾ ائين ڪاوڙيو،
يڪو ڪونه چري ڪو آ.

ڪو دل وارو ڪٽندو،
دردن جو ٽيڪو آ.

ٽا خُون چڏيون بخشي،
آيو جي هلي ڪو آ.

پنهنجو رشتو اُصل ”رضوي“،
پٽرن تي ليڪو آ.

✤ ✤

هاڻ ڪاوڙ ڇڏ ڪٽي،
عيد تي تون سڏ ڪٽي.

ڪلفتن توڙيو اٿم،
الفتن سان اڏ ڪٽي.

جي سچو پاڙو بُروا!
تون ئي هڪڙو لڏ ڪٽي.

ڪر خطائون درگذر،
دل کي دل سان گڏ ڪٽي.

پوءِ بہ ٿو پنهنجو لڳين،
ناهين ورتل هڏ ڪٽي.

ڪٽت ۾ ڪو لالچي،
آيو قبرون پڏ ڪٽي.

نيڻ پڙهيو ٿا وچون،
توڙي آهيون ڏڏ ڪٽي.

ڪونہ رضوي آ مٿيو
قرب مان تون سڏ ڪٽي
✤ ✤





نہ قرب ٿيو وصول آ،
پو زندگي فضول آ.

ڪنهن ڏات وانگي هوبهُو،
هي نيهن ٿيو نزول آ.

رکي ٿو مهڪ ڪيتري،
هي جسم آ، يا ڦول آ.

ها عاشقي ۾ هر سزا،
قبول هئي قبول آ.

اوهان جي بي رخي ڏسي،
هي من ٿيو ملول آ.

بي زر ڪٽي اياز آ،
رهيو تہ با اصول
✤ ✤

اجان دُوريون گھٽيون ناهن،
اکيون دلبر پٽيون ناهن.

وري تعلق ڳنڍڻ واريون،
ڇڏيون ڪي تو گھٽيون ناهن.

زخم ناسور ٿي ويا هن،
مرهم ناهن پٽيون ناهن.

اهو حيوان ماڻهو جنهن،
پريون ڪڏهن ڇٽيون ناهن.

پٽائي آيتون تنهنجون،
هيئن تان پل هٽيون ناهن.

اوهان بن راحتون ڀر مان،
پرين! ڀُلجي مٽيون ناهن.

مسيحا تو مريضن جون،
اجان دليون ڪٽيون ناهن.

وجي ڪاٿي رلي ”رضوي“،
ٻيون توين گھٽيون ناهن.

✤ ✤



www.sindhsalamat.com



ڪا راحت ڪونه وڙڪي ٿي،
بدن ۾ باهه ڀڙڪي ٿي.

اوهان جي بي رُخي جانان!
ڦٽن تي لوڻ ڇڙڪي ٿي.

هي ڪنهن جي مهرباني آ،
مصيبت روز ڪڙڪي ٿي.

اوهان جي نانءُ تي ڇا لئي،
اجان دل زور ڌڙڪي ٿي.

اکين جي سيم ۾ ”رضوي“
اُداسي روز وڙڪي ٿي.

✤ ✤



www.sindhsalamat.com

مُور نہ ڪوئي تنهنجو مٽ آ،
هر ڪو رشتو توکان گهٽ آ.

بند نہ اوڏر ٽيٽي آهي،
ماءُ جي دل جو اڻ ڪُٽ هٽ آ.

تنهنجي محبت ميٺي چڏيو،
هر ڪو جهونو گهرو ڦٽ آ.

سنڌ نہ ڇڏبي ڪنهن حالت ۾،
پنهنجي ڌرتي پنهنجو پٽ آ.

شيشي جهڙا اُجرا سپنا،
ڪونہ اندر ۾ پنهنجي ڪٽ آ.

ڳوٺ جا دلڪش منظر آهن،
شهر ۾ ڏاڍي گهٽ ٻوسٽ آ.

ڏوڙسا نگري سُڌري سگهندي،
جنهن جو راجا ئي چرپٽ آ.

ياد جا بادل روز ٿا برسن،
دل جي کيت ۾ ڪاٿي وٽ آ.

آزادي جو دؤر آ ”رضوي“
پوءِ بہ ڳچي ۾ تنهنجي گهٽ آ

✤ ✤



www.sindhsalamat.com



مُک يار ڏسيو مون کي،
آرام رسيو مون کي.

هُن ڦُرب ڏنو اهڙو،
مون کان ئي کسيو مون کي.

ڏونگر کان هئس ڏاڍو،
نيٺن ئي دسيو مون کي.

هُو پاڻ پويتر آ،
هُن پاڪ پسيو مون کي.

تو خواب وڪيا پنهنجا،
صدمو آ رسيو مون کي.

غم جان ڇڏي ”رضوي“
رستو ڪو ڏسيو مون کي.

✤ ✤



www.sindhsalamat.com

دل جو پورو خيال توتي آ.
ٻئي متا هاڻ ڳالھ توتي آ.

تنهنجي نالي ڪئي اٿم هي دل
هاڻي واجب سنڀال توتي آ.

ساھ پئجي ويو نظارن ۾
ڇا لٿو اڄ جمال توتي آ.

لھر لوڏو نہ توکي اڇٽو آ.
عشق منهنجو هي ڍال توتي آ.

سچ اُپري ويو سُتو آهين،
حيرتن ۾ گھڙيال توتي آ.

ٻئي جي تڪليف تي روئڻ وارا،
بار ڪيڏو ڏمال توتي آ.





پيٽ توکي ڏجي پلا ڪنهن سان،
ٿهڪندڙ هر مثال توتي آ.

خير سان پار شل پوين سنڌڙي،
ڦھري هر ڪوئي سال توتي آ.

تنهنجو لهجو نہ ساڳيو ”رضوي“ سان،
بس اهوئي مَلال توتي آ.

✤ ✤

تو ۾ لحاظ ڪونهي،
تنهنجو "اياز" ڪونهي.

تنهنجي ملڻ جو اڃڪلهہ،
ساڳيو انداز ڪونهي.

راڳي جو روح زخمي،
سُر ۾ ڪو ساز ڪونهي.

انسانيت جا ويري،
تنهنجي نماز ڪونهي.

صورت جو هو پلو آ،
الفت نواز ڪونهي.

نيڻن ڪان روح تائين،
رستو دراز ڪونهي.

هڪ بُت ۾ ۽ خدا ۾،
ڇا امتياز ڪونهي!؟


www.sindhsalamat.com



تنهنجي ڪلڻ تي مونکي،
ڪو اعتراض ڪونهي.

چهري تي مرڪ رسمي،
اندر جو راز ڪونهي.

هي عشق سرمدي آ،
ڪيئن! سرفراز ڪونهي.

ابليس آ جنهن دل ۾،
نوڙت نياز ڪونهي.

ايڏيون وٿيون وڏئي چڻ،
جئرو "اياز" ڪونهي.

✤ ✤


www.sindhsalamat.com

وئي سنگت ڦِٽي توسان،
رهي ناهي مِٽي توسان.

مري وئي هاڻ مون لاءِ،
تنهنجي گهر جي گهِٽي تو سان.

ڪڏهن آباد هئي دل جي،
هي يونيورسٽِي توسان.

امر اتهاس ۾ ٿيندس،
ڪري الفت مِٽي توسان.

سچو هو ڳوٺ هڪ پاسي،
سندم هئي دل پِٽي توسان.

پلي ناراض ٿي، ڪئي آ،
حقيقت مون چِٽي توسان.

الائي چو خوشي رضوي،
ڪئي آهي ڪِٽي توسان.

✤ ✤



www.sindhsalamat.com

بهارون سوڳواريءَ ۾

ڳالهه تو ڪڏهن نہ ڪئي محسوس هُئي،
دل ۾ تو لئہ جاءِ ڪا مخصوص هئي.

جڻ سِرنهن جي کيت ۾ ڦُهچي ويس،
پيلي جوڙي ۾ مني ملبوس هئي.

ويندو مسجد ۾ ڪو پابندي سان هو،
مئڪدي جي ڀي چريي کي چُوس هئي.

عشق پنهنجي شهرتون ماٽيون وڏيون،
شهر ساري جي هوا جاسُوس هئي.

هُو ملڻ جي معاملي ۾ هر دفعي،
دل ٿي چاٽي ڪيتري ڪنجوس هئي.

شوق ڪوئي دل نہ وندرائي سگهيو.
تو ڀُڄاڻان زندگي مايوس هئي،

ڪيترن ٽُڪرن ۾ آ ونڊجي وئي،
دل نہ هئي جڻ ڪا رياست روس هئي.

ايتري ڪڪرن جي هئي ٿر کي ڪٿي،
جيتري ”رضوي“ کي تنهنجي چوس هئي.

✤ ✤



www.sindhsalamat.com

رنجشون الزام پاسي تي رکي،
پيار کر انجام پاسي تي رکي.

چڏ تہ نيٽن ۾ وڄايان پاڻ کي،
اڄ سمورا جام پاسي تي رکي.

آجيان ڪئي حادثن هر موڙ تي،
کيئن سُمهان ماتام پاسي تي رکي.

محبتون واپار جان ناهن ڪبيون،
چڏ اِهي اگهہ دام پاسي تي رکي.

هر ستم تو لئي قبوليم مُرڪندي،
پنهنجو سُک آرام پاسي تي رکي.

ياد جي تُربت تي ڳوڙهن جا ڏيئا،
ويندي آهر شام پاسي تي رکي.

واهرو ويرين اڳيان وڪجي ويا،
قوم جو قتلام پاسي تي رکي.

چپ سِبي "رضوي" نپائيندا اچون،
عشق ۾ هر هام پاسي تي رکي.

✤ ✤







هاڻ هُن جي شهر تان گهُمرو ڪجي،
دل جي هر احساس کي اُجرو ڪجي.

ڏنڌ ۾ منظر وڄائبا وڃن،
ڇو نہ دل جو آئينو اُجرو ڪجي.

دل نہ آ بازار ڳاڙهيءَ شهر جي،
نينڊ روزانو ڏئي مُجرو ڪجي.

دل گُهريو ڪو دوست پيو مهمان ٿئي،
ڇو نہ روشن اڄ سڄو ڪمرو ڪجي.

سهپ جي سُتي سدا دل کي ڏجي،
کين لڙڪن جو ڇٽو شجرو ڪجي.

حق جا هوڪا وڏي سر ئي ڏجن،
ڪوڙ کي دانگي ملي پڌرو ڪجي.

زندگي قدرت جو تحفو آ چريا،
زندگي ۾ هر عمل سُٿرو ڪجي.

روز رضوي درد جي آڳر جهلي،
دل جي احساسن کي ڇو اپرو ڪجي.

✤ ✤

سنڌم ڌرتي سخي آهي،
خُدا عزت رکي آهي.

نرالو سنڌ جو ماڻهو
هوا، پاڻي، پکي آهي.

زمانو سخت سيءَ جهڙو،
محبت مورکي آهي.

خزائن ۾ به ڪا وينگس،
بهارن جان بکي آهي.

مقدس آ رڳو ماڻهو،
اجائي ٻي جکي آهي.

وطن جي مون شفا سمجهي،
مٽيءَ مُک تي مکي آهي.

وڇوڙن هر قدم تي دل،
اُزڙ بڻجي ڪکي آهي.





سنڌءِ هر ڳالهه نيڻن مان،
هميشه مون لکي آهي.

امر ٿيو تنهنجي چاهت جي،
چُڪي جنهن ٻي چکي آهي.

ڀٽائي ڏي ڀڳس رضوي،
مصيبت ڪا ٻکي آهي.

✤ ✤

جانم! تنهنجي ٻک ۾ آهيون،
هر ماڻهوءَ جي اک ۾ آهيون.

توکان پر تي سمجهي ڇڏجان،
جئري ئي دوزخ ۾ آهيون.

پاڻ پٽائي جا پُوڄاري،
سنڌي پڌرا لک ۾ آهيون.

من ۾ هر پل سنڌ وسي ٿي،
اُن جي هر پن، ڪک ۾ آهيون.

ڪونہ ٿا ڪنهن ڏي لوٽو ڦيريون،
پيار جي "رضوي" رک ۾ آهيون.

✤ ✤





خوشبو جي ڪرن جهڙو
تون مور پرن جهڙو.

تو بن هي پرين جيون
آ بند دردن جهڙو.

تون سنڌ اُتر آئون،
اوڀر جي برن جهڙو.

پنهنجو آ پڪو رشتو
هارين ۽ هرن جهڙو

يادون ڪي اندر ۾ چڙ،
ڪونجون ٿيون ترن جهڙو

خوابن جي مقدر ۾،
ٿاندبا ٿا ٻرن جهڙو.

تنهنجو بہ اچڻ ٿر ڏي،
بادل ٿا ورن جهڙو.

تنهنجي گهر جا سيئي رستا،
مون تي ٿا مرن جهڙو.

رکيو آ سدا "رضوي"
من پاڪ گهرن جهڙو.

✤ ✤

دلبر مون سان پرتو ڪونہ،
هٿ ۾ هُن هٿ ورتو ڪونہ.

شهر ويئي ڳڙڪائي ٽريا!
پلجي ساريو ٽر تو ڪونہ.

ڳوڙهن جي درٻار ۾ مون سان،
هليو ڪوئي سرتو ڪونہ.

عشق جي دُنيا ۾ ڪيئن اگهبين،
من تان لاٿي مرتو ڪونہ.

سمنڊ سلامت وڻجهاريءَ جو،
موٽايو چو ور تو ڪونہ.

سيئي يادون سُڏڪي موٽيون،
ڪوليو دل جو در تو ڪونہ

رُلندي جيون گهاريئي ”رضوي“
ٺاهيو پنهنجو گهر تو ڪونہ.

✤ ✤





انگور بدن تنهنجو
ڀرپور بدن تنهنجو.

جنت جون سڪون لاهي،
ٿو حور بدن تنهنجو.

رک ڏُور هوائن کان،
آ ڀُور بدن تنهنجو.

مٽيءَ کي ٿو مهڪائي،
مزدور بدن تنهنجو.

پيو چنڊ جيان جرڪي،
چڻ نُور بدن تنهنجو.

زخمن جا ڏنئي تحفا،
مشڪور بدن تنهنجو.

گلشن ۾ گلن وانگي،
مسرور بدن تنهنجو.

نيڻن کان رهيو ناهي،
پل ڏور بدن تنهنجو.

ڪيئن لام جيان جهڪندو،
مغرور بدن تنهنجو.

ٿئي ڪين زماني ۾،
رنجور بدن تنهنجو.

چانيل آ حواسن تي،
مخمور بدن تنهنجو.

ٿو درد سهي"رضوي"
مجبور بدن تنهنجو

✤ ✤





حُب اجان هيڪاندي تو لئي،
اڄ بہ پرين دل ماندي تو لئي.

غم سان گهرو رشتو جوڙي،
وار ڪياسين چاندي تو لئي.

اکيون پُوري هر خطري جي،
پهتاسين پيراندي تو لئي.

پنڇين جهڙا خواب اسان جا،
بڻجي ويا سڀ باندي تو لئي.

هونئن تہ گهٽي مصروف حياتي،
هوندي آ پر واندي تو لئي.

ڪونہ مقدس ڏينهن ڪنهن "رضوي"
راحت ڪـڏهـن آنـدي تـو لـئـي

✤ ✤

سوا تو جا گهڙيون گذري،
قسم تنهنجو ڪڙي گذري.

پرين! خنجر جيان دل تان،
تنهنجي هرڪا اڙي گذري.

ٻريا سپ ريشمي سپنا،
عمر روئي رڙي گُذري.

ڏيئي جي روح کي رهڙي،
هوا اڄ ٻي وڙي گذري.

وڇهي هر رُت وڇوڙي جي،
هٿن ۾ هٿڪڙي گذري،

سموري لوڪ جون جهٽڪون،
سهيڙي ڪا ٻڙي گذري.

اشارن ئي اشارن ۾،
ڏئي وينگس تڙي گذري.

اسان جي آروز "رضوي"
شهر مان اڄ سڙي گذري.

✤✤


www.sindhsalamat.com



ڪيسين دل هي آتي رکجي؟
ڪيسين ڪنڌ تي ڪاتي رکجي؟

خوشبو چنڊ ۽ تارن کي،
دل جي گهر جو پاتي رکجي.

جذبا ماري، هن جيون تي،
جيئري چو مهماتي رکجي.

رسمن جي تلوار اُپي آ،
ڪيئن ڳليءَ ۾ جهاتي رکجي.

سنڌ ۾ پلجي، نالي سان چو،
بنگالي، گجراتي رکجي.

چانڊوڪي جان اُجري اُجري،
هر دم يار حياتي رکجي.

تيرن جي برسات آ "رضوي"
هاڻ ڪشادي ڇاتي رکجي.

✤✤


www.sindhsalamat.com

دل ڪان پرتي زنگ رکي آ،
هڪڙي پاسي سنگ رکي آ.

فطري روپ جي قائل دل آ،
مصنوعي سڀ رنگ رکي آ.

ٻيا تہ سيئي در ڀيٽي آئين،
هاڻ علي تي ننگ رکي آ.

دنيا ۾ بس پيار جي ويرين،
هر جاءِ تي جنگ رکي آ.

تنهنجي هرڪا مرضي ڊوليا،
مون تہ هميشہ دنگ رکي آ.

هر ڪنهن لفظ کي ساهہ ٿئي تو
شاعر ٿورو ڍنگ رکي آ.

منهنجن اُجرن احساسن تي،
تو تہ سدائين ٽنگ رکي آ.

بيشڪ تنهنجو ”رضوي“ آ
دريا دل تي تنگ رکي آ.

✤ ✤





رهيو ڪو گُل نہ تاريءَ ۾،
بهارون سوڳواريءَ ۾!!.

گلابي خواب نيڻن جا،
لُڙهي ويا اشڪباريءَ ۾.

اسان خود کي وڃايو آ،
اوهان جي قربداريءَ ۾.

اکين جي روشني آهي،
ڀٽائي سنڌ ساريءَ ۾.

فنا مزدور ٿي ويا هن،
رڳو پٿرن جي ياريءَ ۾.

مون هر ڪا رات چانڊوڪي،
گذاري بي قراريءَ ۾.

اوهان بن ڇا رکيو آهي،
پرين! هولي ڏياريءَ ۾.

گهٽيون آسون نہ رک ”رضوي“
عمر پنهنجي اُڏاريءَ ۾.

✤ ✤

پير پنهنجا ٽڙي رهيا آهن،
پوءِ بہ توڙي رڙهي رهيا آهن.

منهنجي نيڻن ۾ تنهنجي يادن جا،
روز ڳوڙها ٽڙي رهيا آهن.

روشني جو قصور ناهي ڪو،
زلف مُک سان وڙهي رهيا آهن.

پڪ اڇڻ جي آ، پوءِ بہ سوچن ۾،
ڪوڙ خدشا گهڙي رهيا آهن.

راحتون سڀ پري نگاهن کان،
درد دل ۾ مڙي رهيا آهن.

همڪلامي مٽيءَ سان بوندن جي،
چڻ ستارا ڪڙي رهيا آهن.

ٿهڪ ”رضوي“ ٽا آرسون موڙن،
ساز ڪيڏا چڙي رهيا آهن.

✤ ✤





ڳالھ جڳ جي اها سچي نڪتي،
پنهنجي واعدن جي هو ڪچي نڪتي.

ضبط جي پل صراط ڪي ٽوڙي،
دل چريءَ تو وٽان اڇي نڪتي.

هن جي يادن جي مهڪندڙ خوشبو،
روح منهنجي مان آ رچي نڪتي.

ڪيڏا نيڻن ۾ حادثا پوڪيئي،
پر حياتي سندم بچي نڪتي،

جا بہ تحرير توکي اربي مون،
من جي آوي مان سا پچي نڪتي.

ڏک انهي ڳالھ جو اٿم ”رضوي“
هُوءَ بہ دنيا جان لالچي نڪتي

✤ ✤

مون کي پر ڏيهي پکين جھڙو لڳو،
شخص هُو پنھنجين اکين جھڙو لڳو.

دل کي وڻندڙ هر نظارو هوبهو،
هن جي چُنري ۾ سڄين جھڙو لڳو،

هُو گهمانن کان مٿي مون لاءِ آ،
هُن سواءِ پل صدين جھڙو لڳو.

هُن جي صحبت آٺوابن وانگيان،
هن جي وڇڙڻ آ بَديُن جھڙو لڳو.

سايو هن جي جسم جو ذرتي مٿان،
گل تي شبنم جي چُمين جھڙو لڳو.

زندگي ”رضوي“ سموري رڻ سندم،
هو سمنڊ، بادل ندين جھڙو لڳو

✤ ✤



www.sindhsalamat.com



جيون منھنجو درد بنائي  وئين پيارا،
اندر سارو زرد بنائي وئين پيارا.

ست چڙائي وبئي آهي جيون مان،
احساسن کي سرد بنائي وئين پيارا.

تنهائي جو روڳ ڏئي وئين تحفي ۾،
پاڻ نوان همدرد بنائي وئين پيارا.

مون کي ايڏو چاهه ڏئي تون کاري وئين،
دشمن هر ڪو فرد بنائي وئين پيارا.

خوف ڏنو چا تنھنجي وڇوڙي نيٽن کي،
سپنا دهشت گرد بنائي وئين پيارا،

راحت ڪائي راس نہ آئي ”رضوي“ کي،
ڳوڙهن جو شاگرد بنائي وئين پيارا.

✤ ✤



www.sindhsalamat.com

توين قيامت ڪاريءَ جهڙا،
لمحا خنجر آريءَ جهڙا.

توڪان پوءِ ڳوٺ ڇڏي ويا،
سُندر ڏينهن ڏياريءَ جهڙا.

ڪي ڪي جُملا لڳندا آهن،
سچ پرين! سنگباريءَ جهڙا.

دُنيا پيٽ مجيريءَ جو ۽،
سپنا سرڙيي هاريءَ جهڙا،

مُور نہ دل جو ساٿ ڇڏن ٿا،
سُور بہ هن ساٿاريءَ جهڙا.

وڪريل جيون ڪي ٿا گهُرجن،
ڀاڪر ڇؤ ديواريءَ جهڙا.

تنهنجي اڳيان لفظ اسان جا،
بيوس، سنڌي ناريءَ جهڙا.

جوڀن جا هي ڏينهن بہ ”رضوي“
مطلب واري ياريءَ جهڙا.

✤ ✤



www.sindhsalamat.com



لا غرض ڪٽي آهين،
پروئي تون وٽي آهين.

گُل ڏين يا ڪٽين پٿر،
مرضي جي ڏٽي آهين.

آ تنهنجو قسم دل ۾،
تون هڪڙي ڇٽي آهين.

مان ڪيئن چوان توکي،
پيرن جي پٽي آهين.

بي تاب بدن تنهنجو،
بارش جي ڪٽي آهين.

تو موهي ڇڏيا منظر،
هوشيار گهٽي آهين.

ويو ”رضوي“ بهارن ۾
سرءَ جان ڇٽي آهين

✤ ✤



www.sindhsalamat.com

وڇوڙو دل ڪڪيو وڃي،
اکين ۾ غم رکيو وڃي.

اوهان جي ياد جسم تي،
ٿي مُشڪ ڇڻ مکيو وڃي.

جهليندي جواني عشق جو،
ڇو ذائقو چکيو وڃي.

ها! مون تہ چپ سبي ڇڏيا،
اکين مان پر لکيو وڃي.

اڄان بہ ڪنهن کي ڏاڍ سان،
ٻَڌو پيو اکيو وڃي.

هي ”رضوي“ هر دفعي سندءِ،
*پَڳن ۾ دل رکيو وڃي.

✤ ✤

پڳن: پيرن



www.sindhsalamat.com



هر ڳالهہ وِيَئي وسري،
اڄ ڪالهہ وِيَئي وسري.

پَئي باهہ ٻري دل ۾!
مس ڪال وِيَئي وسري.

ڪو سُور رنو پنهنجا،
جنجال وِيَئي وسري.

جيون جو خزانو هئا،
ڪجهہ سال وِيَئي وسري.

سالن کان اندر سانڍيل،
ڪئين سوال وِيَئي وسري.

اڄ موت ڏنئي ڌڙڪو،
ڏن مال وِيَئي وسري.

افسوس اٿم ”رضوي“،
سڀ ڀال وِيَئي وسري.

✤ ✤



www.sindhsalamat.com

جوت ويجهو هُجي،
ڪو تہ ويجهو هُجي.

جيڪو دل ۾ وسي،
سو تہ ويجهو هُجي.

چاهيو سسئي فقط،
هوت ويجهو هُجي.

روح زخمي ڪندڙ!
ڇو تہ ويجهو هُجي؟

شال سنڌ ۾ هُجان،
موت ويجهو هُجي.

گهٽگهرو آ سندم،
پو تہ ويجهو هُجي.

چاهيو ”رضوي“ ڪڏهن،
تو تہ ويجهو هُجي.

✤ ✤



www.sindhsalamat.com



هي سِيس اوهان جي قدمن ۾،
آسِيس اوهان جي قدمن ۾.

جو ڪونہ جهڪيو سو تڙجي ويو،
ابليس اوهان جي قدمن ۾!

ٿو مون کي اُٿاري لوڪ ڪري،
ڇو ڪيس اوهان جي قدمن ۾.

هر خواب مَتائي يار اچي،
آبِيس* اوهان جي قدمن ۾.

انمول ٿي وئي آ ”رضوي“ جي،
هر رِيس اوهان جي قدمن ۾.

✤ ✤

* آبِيس: حُليو شڪل



www.sindhsalamat.com

هر ڪنهن ٽوڙيو پاڻ ٻنهي ڪي!
ڪنهن ٻه نه جوڙيو پاڻ ٻنهي ڪي!

ريشمي سپ احساس رلي ويا،
درد وڪوڙيو پاڻ ٻنهي ڪي.

باغي سپنن جهڙا هُئاسين،
وقت ولوڙيو پاڻ ٻنهي ڪي.

رهجي ويا ڪي عڪس ڪپر تي،
دريا ٻوڙيو پاڻ ٻنهي ڪي.

زخمن جا اسرار لڪي ويا،
دنيا روڙيو پاڻ ٻنهي ڪي.

دنگ جي پٿر وانگر سپرين،
جڙ ويو ڪوڙيو پاڻ ٻنهي ڪي.

چاهت جي رستن تان ”رضوي“
رسمن موڙيو پاڻ ٻنهي ڪي!

✤ ✤


www.sindhsalamat.com



ڏس ڍير ڪنڊا آهن،
چؤ ڦير ڪنڊا آهن!

رستو آ وفائن جو،
ٿيا پير ڪنڊا آهن،

لهجي ۾ رُڳو تنهنجي،
چو ٻير ڪنڊا آهن؟

سسئيءَ جو سفر ساڪي،
سپ ڏير ڪنڊا آهن!

هر گُل جا ڪندا ماتم،
ڳچ دير ڪنڊا آهن!

ڇا تنهنجو قدر ڄاڻن،
او ڇيرا! ڪنڊا آهن.

✤ ✤


www.sindhsalamat.com

ٽُنهنجي آڏو رَت رُنو آ،
منهنجو هرهڪ خط رنو آ،

ڏرتي جي ناسورن تي ڏس،
پار ڪيڏي پربت رنو آ.

پياسي حُسين حُسيني ياد پوڻ سان،
هٿڙن ۾ شربت رنو آ.

چاهت جي بازار ۾ وڪجي،
ماري ڪوئي مت رنو آ.

پنهنجن واعدن ۽ قسمن جي،
ڪونه رکي هُو پت رنو آ.

ڪاتي هيئان مُرڪيا آهيون،
ڪنڌ تي ڏئي ڪو لت رنو آ.



www.sindhsalamat.com



عضوا وس ۾ ڪونه رهيا ٿس،
ساري جوڀن ست رنو آ.

ڪيڏو پيٿ ٻُڪايل خاطر،
در تي اُڇليل پت رنو آ.

ڇهڪ بدن جا شاهد ”رضوي“
ڪونه ڪري هُو دت رنو آ.

✤ ✤



www.sindhsalamat.com

پاڻ ٻئي، شام آ،
سُر مئي شام آ.

اڄ خماريل صفا،
بي چئي شام آ.

گُل وچن جو ٽڙيو
چا نَئي شام.

ترس ٿورو اڃان،
ٿي وئي شام آ.

ڪيتري پُرڪشش،
تو ڪئي شام آ.

دل تي ”رضوي“ رقم،
ٿي پئي شام آ.

✤ ✤



www.sindhsalamat.com



اڄ پُور چڙهي ويا ڦاهي تي!
ڏک سُور چڙهي ويا ڦاهي تي!

هن عشق جي آڏو لوڪ سندا،
دستور چڙهي ويا ڦاهي تي.

هر دؤر ۾ حق جا نعرا هڻي،
منصور چڙهي ويا ڦاهي تي.

لڙڪن جو ڪفن ڪي خواب ڍڪي،
مجبور، چڙهي ويا ڦاهي تي.

ڏس محل پريندي سيئن جا،
مزدور چڙهي ويا ڦاهي تي.

سڀ ”رضوي“ چاهت جا ويري،
بي نور چڙهي ويا ڦاهي تي.

✤ ✤



www.sindhsalamat.com

رڳ رڳ ۾ روشني آ،
هر دڳ ۾ روشني آ.

تو ڏانهن جو ڪجي تنهن،
پڳ پڳ ۾ روشني آ.

خوشبو خيال تنهنجا،
ڪُل جڳ ۾ روشني آ.

آمد جو تو ڇا سوچيو،
ٿي اڳ ۾ روشني آ.

هُن حُور اپسرا جي،
ڇڳ ڇڳ ۾ روشني آ.

يادن جو ديس جانچيم،
وڳ وڳ ۾ روشني آ.

دودا دلير تنهنجي،
ڇا پڳ ۾ روشني آ.

✤ ✤





هو پاڻ جُهڪي پئي آ،
هر ڳالهه مُڪي پئي آ.

رستن تي شرافت ڏس،
پانن جان ٿُڪي پئي آ!

ڪنهن جهوني وڻ وانگي،
هي دل بہ ٿُڪي پئي آ.

لفظن کي ڪَيئي سوگهو،
هاڪار رُڪي پئي آ.

اکين جي ڪٽوري ۾،
دردن جي ٻُڪي پئي آ.

مدهوش بدن "رضوي"
چاهت جي چُڪي پئي آ.

✤ ✤

مهمان تازو ٿي ويو،
ايمان تازو ٿي ويو.

هُن نهاريو قرب مان،
احسان تازو ٿي ويو.

عڪس هو ڪو رقص ۾،
وجدان تازو ٿي ويو.

هُو پُڳي مندر مان جڻ،
ڀڳوان تازو ٿي ويو.

اج گَهٽيءَ مان ڇا لنگهيس،
بُهتان تازو ٿي ويو.

قدرت سندو پرتو ڏسي،
انسان تازو ٿي ويو.


www.sindhsalamat.com



اپسرا هئي چنڊ هو،
ارمان تازو ٿي ويو.

سونهن جي واڪاڻ ۾،
رومان تازو ٿي ويو.

ڇا ڇپن تي مُرڪ هُئي،
گلدان تازو ٿي ويو.

تو پڙهيو شاعر سندو
ديوان تازو ٿي ويو.

✤ ✤


www.sindhsalamat.com

روز ڇو ڪامون جلون؟
هل پٽائي ڏي هلون.

سمجهيوسين دير سان،
دوستن جون اٽڪلون.

شهر قبرستان ٿيا،
اُجڙيون سڀ محفلون.

دل ٻي ٿارين تي چڙهيون،
تنهنجي يادن جون ولون.

روز ٿا ڳولن ڪميٽا،
سنڌ ٽوڙڻ جون ٽلون.

پارڪر ۾ گهاربيون،
هيل ڳڌجي موڪلون.

مُرڪي اکين تي رکيم،
زندگي جون مشڪلون.

ڏن جي خاطر لاهين ٿو،
ڇو تہ جيئرن جون کلون؟

✤ ✤



www.sindhsalamat.com



پن ڇڻ رُت آ،
باهہ ۾ ٻُت آ.

سار جون سُرڪيون،
دلڙي ڏُت آ.

ڪونہ سفر ۾،
واجب ڳُهت آ.

ڳاڙهو ڇهرو،
پيير ۾ ڪُت آ.

بجلي ناهي،
گهر ۾ ڪُت آ.

ٻر ۾ آهين،
دلڪش رُت آ.

جا ٿي تون آن،
چين بہ اُت آ.

✤ ✤



www.sindhsalamat.com

ڪُجهه لحاظي ٿي پئو،
اڄ تہ راضي ٿي پئو.

نئين زماني جي سڄڻ،
سوچ تازي ٿي پئو.

آئيندي جي ڇڏ پڇر،
دردا! ماضي ٿي پئو.

دل کي پهرين صاف ڪر،
پوءِ نمازي ٿي پئو.

پنهنجي جذبن جو پرين،
پاڻ قاضي ٿي پئو.

سنڌ خطري ۾ اٿئي،
هاڻ غازي ٿي پئو.

✤ ✤



www.sindhsalamat.com



ڳالهہ سدائين گهاٽي جي!
دنيا ماءُ آ ماٽي جي،

مونکي جنهن مان ٺاهيو مالڪ،
مِٽيءَ هئي ڇؤواٽي جي!

ماس پٽيندڙ توکي وٽندي،
ڳالهہ ڪيئن دال پٽاٽي جي؟

پٽر جو بُت ڇا سمجهي،
عظمت جُهڪيل ڳاٽي جي.

ٽوري گهٽي تي ڏي نہ بدن کي،
ٽُوٽي ڦڪِي ۾ چاٽي جي.

✤ ✤



www.sindhsalamat.com

خالي گلاس آهي،
صدين جي پياس آهي.

خوشبو وڪامجي وئي،
موسم اُداس آهي.

دل چانورو تي ڳولي،
وڻ بي لباس آهي.

چهرو نہ آهي تنهنجو،
ڪو اقتباس آهي.

گوڏو نہ اک ڏسي تي،
ڪيڏي اُماس آهي.

ڏرتي چڏي وجي پيو،
ماڻهو بي قياس آهي.

غالب ڇو هر ذهن تي،
خوف ۽ حراس آهي.



www.sindhsalamat.com



اڄ لوڻ ڪان بہ سستو،
ماڻهو جو ماس آهي.

وهندڙ ندي اکين جي،
ڪو التماس آهي.

تي خاڪ تنهنجي درتي،
مظلوم آس آهي.

ٽوڙي نہ ڪوئي سگهندو،
رشتو جي خاص آهي.

دنيا جي ڪوڙي ياري،
آئي نہ راس آهي.

رنگين گل اڏي ويا
گلشن نراس آهي.

تنهنجي پگهر ۾ جانان،
گُل گُل جو واس آهي.

دل پنهنجي ناهي "رضوي"،
غم جو اپياس آهي.

✤ ✤



www.sindhsalamat.com

اڪين اڳيان لطيف آ،
نہ منهنجو ڪو حريف آ.

زمين آ لهو لهو
نہ دؤر هي شريف آ.

ڪريان ٿو تنهنجو ورد مان،
ڪٿي ذهن ضعيف آ.

اسان جي توسان بي رحم،
ربيع نڪو خريف آ.

جُهڙي ۾ پنهنجو پرجهلو
*ايوب پيو حنيف آ.

منهنجو غزل نظم سنڌ،
حسن جي تعريف آ.

هُو عرش جو ڏٺي رڳو،
فقير جو حليف آ.

هلان ٿو ڏونگرن مٿان
ڪٿي بدن نحيف آ.

✤✤

* ايوب کوسو ۽ حنيف عاطر سنڌ جا سرموڙ شاعر





# طويل غزل

هُن جو جيڪو رايو آهي،
جيون جو سرمايو آهي.

جاٽي واٽي تنهنجي آڏو
هر هر مون هارايو آهي.

تون مُرڪئين يا وسڪاري ۾،
راسُوڙو ڪنهن ڳايو آهي؟

ڌرتي تي فطرت جي ويرين،
ماڻهن ڪي مارايو آهي.

پاڻ ٻنهي کي ٽوڙڻ لاءِ،
دنيا زور لڳايو آهي.

صرف ڪتابن ۾ ئي ڏني ڪي،
صابوءَ هار پارايو آهي!

چانڊوڪي ۾ مُرڪي ڇهري،
تارن کي شرمايو آهي.

باھ برھ جي تنهائي ۾،
جذبن کي گرمايو آهي.

”سن“ جو سائين گهٽ نہ سمجهو،
سنڌ جو چوٿون پايو آهي.

تنهنجي پاڪ محبت جوئي،
منهنجي سر تي سايو آهي.

مهڪي پيو اسين آ شهر متي جو،
ڪير گڏيءَ تي آيو آهي

تارا آهن چُنري تي يا،
اُپ ڪنهن هيٺ وڇايو آهي؟

دير سان قومون نهنديون آهن،
وقت اِهو سمجهايو آهي.

حق جا هوڪا ڏيندڙ ڪي ڏس،
دنيا هر هر گهايو آهي.





تنهنجن ويجهن رشتن مون کي،
تنهنجو گهر ڇڏرايو آهي.

وقت ڏکئي ۾ دلبر پنهنجو
پاڇو ئي تہ پرايو آهي!

پنهنجي دل جو ڏيھ سمورو،
ٽر جان يار اُجايو آهي.

ڏرتيءَ کي مون ديوي سمجهي،
”رضوي“ سِيس نمايو آهي.

✤ ✤

ملڪيت مال نہ ڌن ٿو گُهرجي،
اجهو لٽو ۽ ان ٿو گُهرجي،

تن سان گڏ هر عيب کان آجو،
پاڻ کي ڍوليا! من ٿو گهرجي.

ٻُڪ بيماري ٻُڇڙائي کان،
هاڻي پاڪ وطن ٿو گهرجي.

عمر سڄي جو ساٿ ڪپي ٿو،
ڪو نہ گهڙي پل ڪن ٿو گهرجي.

پاڻي تي سمجهوتو ناهي،
سائو هر ڪو پن ٿو گهرجي.

ذات جي نالي ڪنهن مفلس جو،
ڪونہ اسان کي ڌن ٿو گهرجي .

ڌرتي جا پوڄيندڙ آهيون،
ڪاٿي باغ عدن ٿو گهرجي.

ڏاڍو پوڳيو آهي ”رضوي“
ڪونہ نئون ويڌن ٿو گهرجي

✤ ✤



www.sindhsalamat.com



دل جو ائين تنهنجن پَٽن سان واسطو،
جيئن گُلن جو پوپٽن سان واسطو.

اهڙو تعلق پاڻ جو لڳندو اٿم،
جهڙو مرهم جو ڦٽن سان واسطو.

اڄ تہ نئين سر چاهہ مان جيون اڏيون،
ٽوڙيون ٻئي جهيڙن جهٽن سان واسطو.

تون جي وڇڙئين هاڻ جوڙيندو پرين،
روح پياسو بر پٽن سان واسطو.

دل جا هت احساس ڪو سمجهي نٿو،
پنهنجو آ سپني ڄٽن سان واسطو.

تنهنجي راهن ۾ اکيون قيدي بڻيل،
چڻ درن جو چوڪٽن سان واسطو.

ڪيئن ٿيندو مڌ پياڪن جو گُذر،
جي ڇنو موکي مٽن سان واسطو.

چڏ اهو ٿورو ڪري اياز تي،
رک نہ تون ليڪن ڏٽن سان واسطو.

✤ ✤



www.sindhsalamat.com

عالمي احساس کي گولي لڳي،
سنڌ جي وشواس کي گولي لڳي.

قوم جي تقدير ڪاري ٿي وئي،
آجپي جي آس کي گولي لڳي.

ڀُون سڄي پيلاڙجي ويئي وري،
رات جڻ اتهاس کي گولي لڳي.

روح تڙپيو دير تائين جڳ ڏٺو،
ڪوھہ پرسان پياس کي گولي لڳي.

زندگي جو عڪس ڌنڌلو ٿي ويو،
چاندني، گل واس کي گولي لڳي.

جڻ لٿي شامِ غريبان هر طرف،
سُونهن جي الماس کي گولي لڳي.



www.sindhsalamat.com

بھارون سوڳواريءَ ۾

سنگدل جا نيڻ آلا ڪونہ ٿيا،
هر دُعا ۽ باس کي گولي لڳي.

ڪنهن چيو ڌرتي سڄي ڪسڪي وئي،
ڪنهن چيو آڪاش کي گولي لڳي.

وقت جون اکيون کُليون رهجي ويون،
باب هڪڙي خاص کي گولي لڳي.

سچ کي ڇا لوڪ ”رضوي“ رد ڪيو،
جهڙو منهنجي ماس ۾ گولي لڳي.

✤✤

شهيد راڻي بي نظير ڀٽو کي ڀيٽا



www.sindhsalamat.com







پنهنجو سڄو ديس
لڳي ٿو پرديس
نازڪ ڏاڍو دور آ!

ناهي مُند ملڻ جي
چئجو وڃي ڪيس
نازڪ ڏاڍو دور آ!

هر ڪو ماڻهو روح ڪي
پهچائي ٿو ٺيس
نازڪ ڏاڍو دور آ!

اڄ جي ليليٰ دربدر
ڪُٺي جو آ قيس
نازڪ ڏاڍو دور آ!

زخمي سارو ڏيهه آ
مرهم ڪو نه رکيس
نازڪ ڏاڍو دور آ!

بهارن ۾ باغ ڪان

وسريو سائو ويس
نازڪ ڏاڍو دور آ!

ڇڏي ڏرتي پاءُ پيو
روڪي ڪو نہ جهليس
نازڪ ڏاڍو دور آ!

”رضوي منهنجي حال تي
نٿو رحم اچيس
نازڪ ڏاڍو دور آ!

✤ ✤





بي حد آهي پلوڙ
نديءَ جو جڻ ڇوڙ
بدن تنهنجو بانوري

سانوڻ ۾ سنڌوءَ جيان
ناهي سهندو نوڙ
بدن تنهنجو بانوري

مايوس جي مُند ۾
جيئڻ جي جاڪوڙ
بدن تنهنجو بانوري

سا پيائن جو روپ آ
ميندي ڳانو موڙ
بدن تنهنجو بانوري

ڪيڏو پُر اسرار آ
ڪنوڻ ڪڪر گوڙ
بدن تنهنجو بانوري

اجايل واري مٿي
ڊيلن جي جڻ ڊوڙ
بدن تنهنجو بانوري

لڳندو آ ”اياز“ کي
ايذاءُ تي ٽاڪوڙ
بدن تنهنجو بانوري

✤ ✤

پيارا تُنهنجو پُور
خوشبو جيئن ڀَرپُور
وسي ٿو دل جي اندر

پيار جو پورهيو ڪندڙ
محنتي مزدُور
وسي ٿو دل جي اندر

سپرين تنهنجي سُونهن جو
چٽو ڪيڏو نور
وسي ٿو دل جي اندر

وَصل واري مُند ۾
وڇڙڻ جو وهلُور
وسي ٿو دل جي اندر

سرڪش سوچون ذهن جون
عشق سندو دَستُور
وسي ٿو دل جي اندر

رهجي ڪيئن قرار ۾
مُلڪ سڄو مجبُور
وسي ٿو دل جي اندر

پر ۾ تون اياز جي
ڏک نہ ڪوئي سُور
وسي ٿو دل جي اندر

✤ ✤


www.sindhsalamat.com



مُرڪي ڏنم ساهہ
ڪونہ ٽُٽو ويساهہ
جانچي ڏس تاريخ کي

امر ڪئي آ زندگي
ڌرتي سندي چاهہ
جانچي ڏس تاريخ کي

رهزنن جي رهبري
ڪندي آهي تباهہ
جانچي ڏس تاريخ کي

سُڌري ويندئي پيڙهيون
ڳٽ ڳچي مان لاهہ
جانچي ڏس تاريخ کي

✤ ✤


www.sindhsalamat.com

هٿين خالي ور
پهتو پنهنجي گهر
چنڊ نہ اُڀريو عيد جو

ٻُڍا پٽ پُراڻ جا
زنگجي ويا هر
چنڊ نہ اُڀريو عيد جو

ڊگهي وئين تون ڪري
اکين سان اوڏر
چنڊ نہ اُڀريو عيد جو

رهي ناهي وجود ۾
توکان پوءِ ڏر
چنڊ نہ اُڀريو عيد جو

اجان تائين ننڊ ۾
پنهنجو سڄو تر
چنڊ نہ اُڀريو عيد جو

ٻي وڙي بادل پُٺيان
رُليو ڪيڏو ٿر
چنڊ نہ اُڀريو عيد جو

سُڃي توري سانورا
پوڏيسر جي پر
چنڊ نہ اُڀريو عيد جو

✤ ✤





هٿ ۾ جهلي جام
ريجهائن ٿا رام
چٽيندا جي ڳوٺ ۾!

وسڪاري ۾ روز ٿي
چؤنري چڙهي شام
چٽيندا جي ڳوٺ ۾!

رُوپلي جي روح هو
ڪيو رات قيام
چٽيندا جي ڳوٺ ۾!

چاڙهيا ڪيڏا چِت تي
نشا تنهنجي نام
چٽيندا جي ڳوٺ ۾!

جاڳيا جوڏا جُوءِ جا
ويري ٿيا ناڪام
چٽيندا جي ڳوٺ ۾!

انسانيت جو ڪيترو
اُوچو آهي مقام
چٽيندا جي ڳوٺ ۾!

مهڪيا چُوڙا ماڪ ۾
چنڊ ڏنا پيغام
چٽيندا جي ڳوٺ ۾!

ملندو آهي اڻ ميو
اکڙين کي آرام
چٽيندا جي ڳوٺ ۾!

ڏات ڏنو اڏ رات جو
اُٿاري انعام
چٽيندا جي ڳوٺ ۾!

✤ ✤

اُجريو آ هر انگ
سار لڏي سارنگ
سرڳ جهڙو پارڪر

مور هڻيلا موج مان
ورهائن پيا رنگ
سرڳ جهڙو پارڪر

اوڏيو سائو ويس آ
پنهنجي آس اُمنگ
سرڳ جهڙو پارڪر

ڏڻ ڏنارن چوڙيا
چوڏس چُريا چنگ
سرڳ جهڙو پارڪر

جيئرا جيسين رُوپلا
ارڏا ۽ اڙٻنگ
سرڳ جهڙو پارڪر

✤ ✤







اکيون پير ڪري
”تو وٹ پهتو آهيان“

تو ڏاران ٻيو دلبري
پنهنجي ڪير ڪري
”تو وٹ پهتو آهيان“

تو لئہ سپرين اڄ ڳٽيا
ڳوڙها خير ڪري
”تو وٹ پهتو آهيان“

دل هٿان مجبور ٿي
غم سڀ زير ڪري
”تو وٹ پهتو آهيان“

ذک ڏوراپن جون سيئي
پٽيون ڍير ڪري
”تو وٹ پهتو آهيان“

ڪيئن روڪيان پاڻ کي
سڏ پئي چير ڪري
”تو وٹ پهتو آهيان“

چَندُ اُلهي ويو آ ”رضوي“
ڪيڏي دير ڪري
”تو وٹ پهتو آهيان“

✤ ✤

آهيون پاڻ ٻئي ڀاءُ،
ڏرتي پنهنجي ماءُ.
فرق نہ آهي پاڻ ۾!
پنهنجا ڏک ۽ سُور ٿُون،
مون کان ڪين لڪاءَ!
فرق نہ آهي پاڻ ۾!
تو تي اُلريون وحشتون،
مون کي رسيا گهاءَ.
فرق نہ آهي پاڻ ۾!
اڏ ۾ ڇڏي ڪين وڃ،
مون سان توڙ نڀاءَ.
فرق نہ آهي پاڻ ۾!
سامي جا سلوڪ ٻُڌ،
پٽ ڏٽي کي ڳاءَ.
فرق نہ آهي پاڻ ۾!
منهنجو ٿي مون ساڻ ٻيهہ،
ويرين کي ورچاءِ.
فرق نہ آهي پاڻ ۾!
اڻ ٽُٽ تو سان واسطا،
جيءَ ۾ تو لئي جاءِ.
فرق نہ آهي پاڻ ۾!

✤ ✤







# بيت

❖

پاڻ سيئي بازيون، هٿن سان هاريون،
ڏرتي تي ڏاريون، پنهنجي جهڙتي ٿو وئي،

❖

سڄو آهي سوڳ ۾ سنڌين جو وانڊيو
هيل بہ هُن سانڊيو، آهي ڏک ڏڪار جو

❖

گڏي تان اڄ رات جو مئيءَ جو منظر،
اُپ جهڙو ڪر وڇيل هو واري مٿي.

❖

چانڊوڪي جي رات ۾ جرڪي گڏي پٽ،
جڻ ڪا اُملهہ سٽ آهي شاهہ لطيف جي.

❖

گڏي تان اڄ رات جو وڏي مُون نظر،
مٺي جو شهر، هيو منهنجي مُٺ ۾

❖

گڏي تنهنجي گود ۾ آڏي ٽاٽي مان مان
”گوماٽي گُل سان سليان وينو سورڙا

❖



www.sindhsalamat.com



❖

ڌرتي تنهنجي درد کي وينا وساري،
ماڻهن جڻ ماري، جئري ڇڏيو پاڻ کي.

❖

اکيون پُوري ٿو ڪرين، جيڪو جيئڻ چوئي
اڙي مار پوئي، لڄائين ٿو ڪُڙم کي

❖

توڙي مون سان دلربا هليو ناهين سِڌو
پر مون ناهي وِڌو سنڌو ڪو سنگت ۾

❖

هوندو آهين جنهن گهڙي اکين کي اوڏو
لهر نڪي لوڏو سپرين منهنجي ساهہ کي

❖

سڄاول ۾ سوڳ پکيڙيو پاڻ،
هڪدم اُڏاڻي مرڪ هر ڪنهن مُک تان.

❖

پاٽي پاٽي ٿي ويو سارو ناٿن ساهہ
مُٺ ۾ اچي ساهہ هر ڪنهن ماڻهو کي ويو.

❖



www.sindhsalamat.com

# نظم

## تاريخ جو مجرم!!

اڙي او او رات جا رهزن،
اڙي او پاپ پُوڄاري،
اڪين هوندي انڌو ٿي وئين،
انا جا خول پائي تو
لڄائي ماٺيو چڙيو
وڪي تو ٿڄ ماتا جي،
وئين ڦُلجي مِٺيون لوليون،
ٿيئن ويري سچائي جو،
ڪڙم جو سر جُهڪايو تو
ٻڌئين مُنڪر تون ڏرتي جو
گهٽيون جهوليون اجاڙيون تو
سوين سينڌون ٻـ ساڙيون تو
پڳون پوتيون ٻـ ڦاڙيون تو
ڪيئي سودا ضميرن جا،







ڪُنئي سپنا اسيرن جا،
لهو سان هٿ رنگي پنهنجا
ڪئي رت چاڙ ڌرتي تو.
جلادن سان ٿئين پيڙو،
دغا جي واٽ ورتي تو،
وٺي جيڪو سڏائين تون،
ٺڳي جا ناهہ ٺاهين تون،
پلي ڪيڏو پڏائين تون،
سموري قوم ڄاڻي ٿي،
سچائي کي سڃاڻي ٿي،
چنيسر جو تون ساٿاري،
آهين دشمن تون دودي جو،
پلي انڪار ڪر ڏوهي،
سُتيون ڏيئي دليلن جون،
صفائي کي گلي لائي،
مگر هي قوم ڏاهي آ،
اُنهي تنهنجي مقدر ۾،
لکي هاڻي تباهي آ،
تون آن تاريخ جو مُجرم،
نون نسلن جو ڏوهاري،
ڪندئي تاريخ ڦِٽڪارون!
ڪندئي تاريخ ڦٽڪارون!

✤ ✤